روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
REG NO. 3833
ABC Certified
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) آچر 14 اپريل 2024 ع بمطابق 04 شوال المکرم 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 318

بلوچستان جي علائقي نوشڪي ۾ دهشتگردي جي ٻن واقعن ۾ 11 ڄڻا قتل، 5 زخمي ٿي پيا

صدر آصف زرداري، وزيراعظم شهباز شريف، گهرو وزير محسن نقوي، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ٻين پاران بلوچستان ۾ 11 ڄڻن جي قتل واري واقعي جي مذمت

دهشتگردن ڪوئيٽا کان تفتان ويندڙ بس مان 9 مسافرن کي لاهي قتل ڪيو، مارجي ويلن جو واسطو گوجرانوالا، وزيرآباد ۽ منڊي بهاءُ الدين سان هو

ٻئي واقعي ۾ دهشتگردن مسافر گاڏي کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي نه روڪڻ تي گاڏيءَ تي فائرنگ ڪئي، 2 ڄڻا مارجي ويا، 5 زخمي ٿي پيا

دهشتگردن گاڏيءَ کي روڪڻ جو اشارو ڪيو، نه بيهڻ تي فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ گاڏي سان حادثو پيش آيو: ڊپٽي ڪمشنر نوشڪي

دشمنن کي پاڪستان جو امن خراب ڪرڻ نه ڏينداسين. دهشتگردن ۽ سندن سهولتڪارن کي بخش نه ڪيو ويندو: صدر/وزيراعظم

نوشڪي (م ڊ) بلوچستان جي علائقي نوشڪي ۾ دهشتگردي جي ٻن واقعن ۾ 11 ڄڻا قتل، 5 زخمي ٿي پيا. دهشتگردن ڪوئيٽا کان تفتان ويندڙ بس مان 9 مسافرن کي لاهي قتل ڪيو پوليس موجب مارجي ويلن جو واسطو گوجرانوالا، وزيرآباد ۽ منڊي بهاءُ الدين سان هو ٻئي واقعي ۾ دهشتگردن جي هڪ گاڏيءَ تي فائرنگ 2 ڄڻا مارجي ويا، 5 زخمي، ڊپٽي ڪمشنر نوشڪي جو چوڻ آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

نوشڪي: متاثر بس واقعي واري جاءِ تي بيٺل آهي

حالتون ايتريون خراب ناهن جو فوج جي ضرورت پئي: آءِ جي سنڌ

چاهيون ٿا جيڪڏهن ڪو ڏوهه ٿئي ته ان جي مڪمل انويسٽيگيشن ٿئي، پوليس ۾ ڪيترين ئي خاميون آهن، جن کي ٺيڪ ڪرڻ جي ضرورت آهي

سچو ڏوهه پوليس جو به ناهي هوندو، ڪچي ۾ 15 مهينن دوران 529 ماڻهن کي ٽريپ ٿيڻ کان بچايو، پوليس رينجرز سان گڏجي ڪم ڪري رهي آهي

اهڙيون حالتون ناهن جو فوج جي ضرورت پئي، فوج سنڌ پوليس کي جديد هٿيارن سان تربيت به ڏئي رهي آهي

صورتحال تي جلد ضابطو آڻي وٺنداسين، ڪراچي ۾ ڪو نوگو ايريا ناهي، چاهيون ٿا ته نوگو ايريا ختم ٿين: آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه

ڪراچي (رپورٽر) آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ چيو آهي ته اسٽريٽ ڪرائم جي انگن اکرن ۾ مختلف وارداتن کي شامل ڪيو پيو وڃي، پوليس رينجرز سان گڏجي ڪم ڪري رهي آهي، نجي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي آءِ جي سنڌ چيو ته چاهيون ٿا جيڪڏهن ڪو ڏوهه ٿئي ته ان جي مڪمل انويسٽيگيشن ٿئي، هن چيو ته پوليس ۾ ڪيترين ئي خاميون آهن، جن کي ٺيڪ ڪرڻ جي ضرورت آهي، سچو ڏوهه پوليس جو به ناهي هوندو، سندس چوڻ هو ته ڪچي ۾ 15 مهينن دوران 529 ماڻهن کي ٽريپ ٿيڻ کان بچايو پوليس رينجرز سان گڏجي ڪم ڪري رهي آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

وڏي وزير پاران شهيد ڀٽو جي ورسي جا انتظام بهتر ڪرڻ ۽ برسات دوران ادارن کي الرٽ رهڻ جي هدايت

مراد علي شاهه سمورن سول ايجنسين، برساتي نالن ۽ ڊرينيج سسٽم کي صاف رکڻ جي هدايت ڪري ڇڏي، ڪي ايم سي، سمورا ٽائونز ۽ واٽر بورڊ پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ انتظام مڪمل ڪن: وڏي وزير جي هدايت

وڏي وزير پاران ڊزاسٽر مينجمينٽ اٿارٽي کي سمورين سول ايجنسين سان ڪوآرڊينيشن ڪرڻ جي هدايت، ضلعي انتظاميه ۽ پوليس عوام جو خيال رکي ۽ مشڪل گهڙي ۾ انهن جي مدد ڪري: وڏو وزير

پوليس ۽ انتظاميه پاران 14 اپريل تي گڙهي خدا بخش ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي ٿيندڙ عوامي جلسي لاءِ سڪيورٽي ۽ ٽريفڪ جا مناسب انتظام ڪيا وڃن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه مزار ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪندي پوليس ۽ انتظاميه کي هدايت ڪئي ته هر 14 اپريل تي گڙهي خدا بخش ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي ٿيندڙ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي ايئرپورٽ تي 49 پاسپورٽس سان گڏ گرفتار مسافر قانوني شاهدين پيش ڪرڻ تي آزاد

ڪراچي (رپورٽر) 49 پاسپورٽ رکندڙ شهري کي ڪراچي ايئرپورٽ تان گرفتار ڪري شاهدين پيش ڪرڻ بعد ڇڏيو ويو وفاقي تحقيقاتي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

بلوچستان ۾ برسات تباهي مچائي ڇڏي، پشين ۾ ٻوڏ واري صورتحال، وڄ ڪرڻ وارن واقعن ۾ 2 ڄڻا فوت

پشين، چمن، قلعه عبدالله ۽ سيف الله ۾ برسات سبب ندين ۽ نالن ۾ چاڙهه، فصلن کي نقصان

تيز برساتن بعد پي ڊي ايم اي الرٽ جاري ڪري ڇڏيو، متاثر علائقن مان ماڻهن جي منتقلي جاري

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان ۾ وقفي وقفي سان جاري برسات تباهي مچائي ڇڏي، پشين ۾ ٻوڏ واري صورتحال، وڄ ڪرڻ وارن واقعن ۾ 2 ڄڻا فوت، پشين، چمن، قلعه عبدالله ۽ سيف الله ۾ برسات سبب ندين ۽ نالن ۾ چاڙهه، فصلن کي نقصان، تيز برساتن بعد پي ڊي ايم اي الرٽ جاري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پاڪستان هڪ ارب ڊالر جي يورو بانڊز جي وقت سر ادائيگي ڪري ڇڏي

پاڪستاني يورو بانڊ هولڊرز کي ادائيگي 12 اپريل تي ايجنٽ بئنڪ ذريعي ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان هڪ ارب ڊالر جي يورو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اپوزيشن الائنس ملڪ مان هٿي قانون جو نظام ختم ڪرڻ لاءِ تحريڪ شروع ڪري ڇڏي

پشين ۾ ڀرپور پاور شو، محمود خان اڇڪزئي، عمر ايوب، اختر مينگل، حامد رضا ۽ ٻين اڳواڻن جلسي کي خطاب ڪيو

مرڪز ۾ نهيل حڪومت کي پاڪستان جي حڪومت نه ٿا سمجهون، هيءَ اليڪشن ڪميشن جي حڪومت آهي: اڳواڻ

پشين (م ڊ) اپوزيشن الائنس ملڪ مان هٿي قانون جو نظام ختم ڪرڻ لاءِ تحريڪ شروع ڪري ڇڏي آهي پشين ۾ ڀرپور پاور شو، محمود خان اڇڪزئي، عمر ايوب، اختر مينگل، حامد رضا ۽ ٻين اڳواڻن جلسي کي خطاب ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سکر: مفتي محمد ابراهيم قادري پاران عيد ملن تقريب کي سيد خورشيد شاهه خطاب ڪري رهيو آهي

مريم نواز 500 کان 800 رپين وارو وڳو پائيندي آهي: عظميٰ بخاري جي دعويٰ

لاهور (م ڊ) پنجاب جي سڌ سماءُ واري وزير عظميٰ بخاري حيران ڪندڙ دعويٰ ڪندي چيو آهي ته عام طور تي مريم نواز 500 کان 800 رپين ۾ ملندڙ وڳو پائيندي آهي. عظميٰ بخاري جي اهڙي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ظلم ۽ ڏاڍ باوجود سمجهيو ويندو آهي ته اسان چپ رهنداسين: اختر مينگل

اسان پنهنجي حقن لاءِ احتجاج ڪندا آهيون ته قلم 144 لڳايو ويندو آهي، جن سياسي ورڪرن کي قدرتي حالتون نه روڪي سگهيون ته قلم 144 ڪيئن روڪيندو؟

ملڪ ۾ عوام جو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو ۽ بلوچستان ۾ اهڙن ماڻهن کي ڪامياب ڪرايو ويو جن کي پاڙي وارا به نٿا سڃاڻن، ملڪي عوام اڄ بدحال آهي

اسان گمرتيل ماڻهن جي ڳالهه ڪندا هئاسين ته ماڻهن کي يقين نه ايندو هو، اسيمبلي ۾ گمرتيل ماڻهن جو ذڪر ڪندا هئاسين ته ماڻهو اسان تي ٽوڪ ڪندا هئا

پشين (م ڊ) بلوچستان عوامي پارٽي (بي اين پي) مينگل جي سربراهه سردار اختر مينگل چيو آهي ته مرڪز ۾ نهيل حڪومت کي پاڪستان جي حڪومت نٿو سمجهان، اها حڪومت فارم 47 ۽ اليڪشن ڪميشن جي حڪومت آهي پشين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪير ڪنهن جو غلام يا مالڪ ناهي، عوام جي طاقت سان انقلاب آڻڻو پوندو: اڇڪزئي

اسان جو اتحاد حڪومت ڪيرائڻ لاءِ نه پر آئين جي بالادستي لاءِ آهي، آئين جي بالادستي لاءِ يقين رکندڙ پاڪستانين کي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏيان ٿو

هتي ڪو ڪنهن جو غلام ناهي اسان سڀ برابر آهيون. اسان کي عوام جي طاقت سان انقلاب آڻڻو آهي

قومي اسيمبلي ميمبر محمود خان اڇڪزئي مطالبو ڪيو آهي ته پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ سندس پارٽي جي ٻين ماڻهن خلاف ڪيس واپس ورتا وڃن

پشين (م ڊ) پشتونخوا ملي عوامي پارٽي جي سربراهه ۽ قومي اسيمبلي ميمبر محمود خان اڇڪزئي مطالبو ڪيو آهي ته پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ سندس پارٽي جي ٻين ماڻهن خلاف ڪيس واپس ورتا وڃن. پشين ۾ اپوزيشن اتحاد "تحريڪ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

لاڙڪاڻو آئيس فئڪٽري ۾ ڌماڪي سبب سڙي زخمي ٿيل پوڙهيت اسپتال ۾ داخل آهي ٻي پاسي فئڪٽري جو ڏيک

سون جي اگهه ۾ سوين رپيا لاٽ

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ سون جي اگهه ۾ لاٽ رڪارڊ ٿي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ

لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو سان مختلف مڪتبه فڪر سان واسطو رکندڙ ماڻهن جون ملاقاتون

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

امڪان آهي ته ايران جلد اسرائيل تي حملو ڪندو: جو بائيڊن

آمريڪا اسرائيل جي دفاع لاءِ تيار آهي، ٻنهي ملڪن ۾ چڪتاڻ تي صورتحال جو جائزو وٺي رهيا آهيون

واضح رهي ته پهرين اپريل تي شام جي گادي واري هنڌ دمشق ۾ ايراني سفارتخاني تي اسرائيل جي هوائي حملي جي نتيجي ۾ 7 ايراني فوجي آفيسر شهيد ٿي ويا هئا

پرڏيهي خبر واداري موجب دمشق حملي بعد علائقي ۾ آمريڪي ۽ اسرائيلي فوج هائي الرٽ آهن

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر جو بائيڊن ايران ۽ اسرائيل جي چڪتاڻ تي خدشو ظاهر ڪيو آهي ته ايران طرفان اسرائيل مٿان حملي جا امڪان آهن. جو بائيڊن پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته آمريڪا اسرائيل جي دفاع لاءِ تيار آهي، ٻنهي ملڪن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

نيو سعيدآباد ويجهو ڳوٺ لطيف انڙ ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب 4 معصوم ٻار دٻجي فوت

فوتين ۾ 10 ورهين جي نينگري حرا انڙ، 8 ورهين جو ظهور، 6 ورهين جو محمد اشرف ۽ 7 ورهين جو ابوبڪر انڙ شامل

هڪ ئي وقت چئن معصومن جي فوت ٿيڻ تي ٻارڙن جي مائرن کي بيهوشيءَ جا دورا، علائقي ۾ سوگ وارو ماحول

مٽياري (ڊ ر) نيو سعيدآباد ويجهو ڳوٺ لطيف انڙ ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب 4 معصوم ٻار دٻجي فوت. فوتين ۾ 10 ورهين جي نينگري حرا انڙ، 8 ورهين جو ظهور، 6 ورهين جو محمد اشرف ۽ 7 ورهين جو ابوبڪر انڙ شامل. ٻارڙن جي مائرن کي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

جلد ئي والاريل ڪشمير کي رياست جو درجو ملندو: نريندر مودي

جمون ڪشمير کي رياست جو درجو ڏيارڻ جو اعلان آرٽيڪل 370 جي خلاف ورزي آهي، جنهن کي مودي جي حڪومت 5 آگسٽ 2019 ۾ ختم ڪيو هو

نريندر مودي پاران آرٽيڪل 370 جي خاتمي ڪانپوءِ اتي رياستي چونڊ به ناهي ٿي هائي پارٽي وزيراعظم والاريل ڪشمير جي آئيني حيثيت کي تبديل ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي

آخري 10 سال ۾ والاريل ڪشمير ۾ ٿيندڙ ترقي پوري فلم جو ٽريلر آهي، ايندڙ ڪجهه سالن ۾ اتي گهڻو ڪجهه متجندو: مودي

ممبئي (م ڊ) ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي چيو آهي ته جلد ئي جمون ڪشمير کي رياست جو درجو ڏنو ويندو ۽ اتي رياستي چونڊ به ڪرائي ويندي. پارٽي رپورٽس موجب جمون ڪشمير کي رياست جو درجو ڏيارڻ جو اعلان آرٽيڪل 370 جي خلاف ورزي آهي، جنهن کي مودي جي حڪومت 5 آگسٽ 2019 ۾ ختم ڪيو هو پارٽي آئين جي آرٽيڪل 370 تحت جمون ڪشمير/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پنجاب ۾ تيز برسات، رحيم يار خان، ملتان ۽ مظفرڳڙهه ۾ وڄ ڪرڻ وارن واقعن ۾ 10 ڄڻا فوت

صوبي جي مختلف علائقن ۾ طوفاني برسات جو سلسلو وقفي وقفي سان جاري رهيو، سولر پليٽون ۽ ڇپرا اڏامي ويا

ڪي پي جي پاراچنار سميت ملڪ جي مٿانهن علائقن ۾ به وسڪارا، جبلن تي برفباري سبب موسم خوشگوار ٿي وئي

لاهور (م ڊ) پنجاب جي مختلف علائقن ۾ به تيز برسات، رحيم يار خان، ملتان ۽ مظفرڳڙهه ۾ وڄ ڪرڻ وارن واقعن ۾ 10 ڄڻا فوت، برسات جو سلسلو به وقفي وقفي سان جاري، ڪي پي جي پاراچنار سميت ملڪ جي مٿانهن علائقن ۾ به وسڪارا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي 6 ايڊيشنل ججن مستقل جج طور حلف کڻي ورتو

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عقيل احمد عباسي مستقل ٿيندڙ ججن کان حلف ورتو

تقريب ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ججن، بار ايسوسيئيشن جي نمائندن ۽ وڪيلن شرڪت ڪئي، جڏهن ته مستقل ٿيندڙ ججن جا گهر ڀاتي به شريڪ ٿيا

مستقل ججن جو حلف کڻندڙن ۾ جسٽس امجد علي ٻوهيو، جسٽس ثنا اڪرم منهاس، جسٽس جواد اڪبر سروانا، جسٽس خادم حسين سومرو، جسٽس عبدالرحمان ۽ جسٽس ارباب علي هڪڙو شامل آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي 6 ايڊيشنل ججن مستقل جج طور حلف کڻي ورتو سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عقيل احمد عباسي مستقل ٿيندڙ ججن کان حلف ورتو تقريب ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ججن، بار ايسوسيئيشن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪي پي ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، دهشتگرد مارجي ويو، 2 جوان شهيد

ڳجهي اطلاع تي ٿيل آپريشن دوران فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ هڪ گهربل دهشتگرد سليم عرف رباني مارجي ويو

دهشتگردن جي فائرنگ ۾ 2 اهلڪار لانس نائڪ حسيب ۽ حوالدار مدثر شهيد ٿيا آهن: آءِ ايس پي آر

پشاور (م ڊ) ڪي پي جي علائقي بونير ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، گهربل دهشتگرد مارجي ويو، پاڪ فوج جا 2 جوان شهيد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پاڪستان پاران ايندڙ هفتي آءِ ايم ايف کي نئين قرض لاءِ درخواست ڏيڻ جو امڪان

ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب جي قيادت ۾ پاڪستاني وفد آمريڪا روانو ٿي ويو

ناڻي واري وفاقي وزير ۽ آءِ ايم ايف جي سربراهه وچ ۾ سومر تي ملاقات ٿيڻ جو امڪان

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان پاران ايندڙ هفتي آءِ ايم ايف کي نئين قرض لاءِ درخواست ڏيڻ جو امڪان. ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب جي قيادت ۾ پاڪستاني وفد آمريڪا روانو ٿي ويو. ناڻي واري وفاقي وزير ۽ آءِ ايم ايف جي سربراهه وچ ۾/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

مڙسن کي زالن تي تشدد نه ڪرڻ گهرجي: 89 سيڪڙو پاڪستانين جي راءِ

اسلام آباد (بيورو) 89 سيڪڙو پاڪستانين زالن تي تشدد جي مخالفت ڪري ڇڏي، گيلپ پاڪستان طرفان جاري ڪيل سروي موجب 89 سيڪڙو پاڪستانين گهرواري تي هٿ کڻڻ يا ڪنهن به قسم جي تشدد کي نه قبولڻ جوڳو قرار ڏنو ۾/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان مسلم ورلڊ ليگ جا اڳواڻ ملاقات ڪندي

لاڙڪاڻو: اڳواڻ اي سي احمد علي سومرو ۽ سهاف اڳواڻ عبدالرحمان مورو پ پ چيئرمين سان ملاقات ڪندي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 45هين ورسي جي رٿيل جلسي جون تياريون مڪمل، پ پ چيئرمين خطاب ڪندو

گڏيل ڏينهن جلسي جي تيارين جي حوالي سان وڏي وزير جي صدارت ۾ اجلاس ٿيو، ورسي ۽ ٽريفڪ جي انتظامن ۽ سهولتن جو جائزو ورتو ويو

شهيد ڀٽو جي ورسي هر سال 4 اپريل تي ملهائي ويندي آهي، پر رمضان شريف سبب ورسي 14 اپريل تي ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو: مراد علي شاهه

ورسي جي موقعي تي ٽريفڪ جو مسئلو ٿيندو آهي، ان سميت سڪيورٽي جا ڀرپور انتظام ڪيا ويا آهن: سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ جي پهرين چونڊيل وزيراعظم ۽ پيپلز پارٽي جي باني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 45هين ورسي جي رٿيل جلسي جون تياريون مڪمل، ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ جلسي کي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ٻيا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڪٿي تيز ته ڪٿي هلڪي برسات، وڄ ڪرڻ جي واقعي ۾ هڪ ڄڻو فوت

برسات سبب ڪڻڪ جي فصل کي ڪاپاري ڌڪ، سکر، خيرپور، ڪنڊڪوٽ، بخشاپور، ميان صاحب ۾ تيز برسات

ڪنڊڪوٽ ويجهو ڪڻڪ جو لابارو ڪندڙ نوجوان جيرت گولاٽو وڄ ڪرڻ سبب فوت ٿي ويو، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

سنڌ ۾ برسات جو سلسلو اڄ تائين جاري رهندو، ڪراچي، سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري رهندو

ڪراچي (نمائندن وٽان) سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڪٿي تيز ته ڪٿي هلڪي برسات، وڄ ڪرڻ جي واقعي ۾ هڪ ڄڻو فوت، برسات سبب ڪڻڪ جي فصل کي ڪاپاري ڌڪ، سکر، خيرپور، ڪنڊڪوٽ، بخشاپور، ميان صاحب ۾ تيز برسات/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ هائيڪورٽ جي 6 ايڊيشنل ججز مستقل ججز طور حلف کڻي ورتو

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، چيف جسٽس عقيل احمد مستقل ٿيل ججز کي حلف کڻايو

جسٽس امجد علي ٻوهيو، جسٽس ثنا اڪرم منهاس، جسٽس جواد اڪبر سروانا ۽ ٻين حلف کنيو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هائيڪورٽ جي 6 ايڊيشنل ججز مستقل ججز طور حلف کڻي ورتو. چيف جسٽس عقيل احمد مستقل ٿيل ججز کي حلف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

نصيرآباد ۾ سان جوابدارن ڪارنهن الزام هيٺ ناري کي قتل ڪري ڇڏيو

ڳوٺ چنهڙ ۾ هٿياربندن ناري صبا جتوئي کي گهر ۾ داخل ٿي پسٽل جو فائر ڪري قتل ڪيو

وارثن جي فرياد تي 8 ڄڻن تي ڪيس داخل، پوليس مک جوابدار محمد اسلم جتوئي کي گرفتار ڪري ورتو

نصيرآباد (ڊ ر) نصيرآباد پرسان جوابدارن ڪارنهن الزام هيٺ ناري کي قتل ڪري ڇڏيو، ڳوٺ چنهڙ ۾ هٿياربندن ناري صبا جتوئي کي گهر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

حيدرآباد ويجهو ٽنڊو يوسف ٿاڻي جي حد ۾ پوليس جي مبينا مقابلي ۾ منشيات جو ڊيلر مارجي ويو

مارجي ويل جوابدار سلمان سرائي جو تعلق ڪي پي سان هو، 17 ڪيسن ۾ گهربل هو: حيدرآباد پوليس

مارجي ويل منشيات فروش وٽان هڪ ڪلوگرام ڪان وڌيڪ آئيس ۽ هٿيار مليا آهن: حيدرآباد پوليس

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) حيدرآباد ويجهو ٽنڊو يوسف ٿاڻي جي حد ۾ پوليس جي مبينا مقابلي ۾ منشيات جو ڊيلر مارجي ويو. پوليس موجب مارجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڏڙو ۾ پاڻي جي ڪوٽ، ڏارين جي آبادڪاري خلاف ۽ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

سنڌ ۾ بدامني وڌي وئي آهي، پوليس پريا ڪماري کي به بازياب ناهي ڪرائي سگهي: احتجاج ڪندڙ

پاڻي جي هتراڊو ڪوٽ ختم ڪري آبادگارن کي پاڻي ڏنو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: احتجاج ڪندڙ

ڏڙو (نمائندن وٽان) ڏڙو ۾ پاڻي جي ڪوٽ، ڏارين جي آبادڪاري خلاف ۽ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو، احتجاج ڪندڙن چيو ته/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ٽنڊو محمد خان پرسان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ٻن عورتن سميت 7 ڄڻا زخمي

پير بخش ڪالوني ۾ قليلي روڊ تي پرهياڙ برادري ۾ ٻارڙن جي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو

جهيڙي دوران ٻن عورتن سميت 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا، پوليس هٿان 2 ڄڻا گرفتار

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان پرسان قليلي روڊ تي پرهياڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، عورتن سميت 7 ڄڻا زخمي، پوليس پرهياڙ ٻن ڄڻن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ملتان: شهري هلندڙ برسات دوران روڊ تان گذري رهيا آهن

سکر: ٽرانسپورٽ عملو فياض منگي جي قيادت ۾ ڪارروائي ڪري رهيو آهي

اپوزيشن اتحاد جو بلوچستان جي شهر پشين ۾ حڪومت مخالف پهريون جلسو، ملڪ ۾ تحريڪ تيز ڪرڻ جو اعلان

حڪومت خلاف تحريڪ کي تيز ڪيو ويندو، آئيني حق حاصل ڪرڻ تائين جدوجهد جاري رهندي: پي ٽي آءِ اڳواڻ عمر ايوب

مرڪز ۾ نهيل حڪومت کي نٿا مڃون، عوام جو چوري ڪيل مينڊيٽ واپس ورتو ويندو: بي اين پي سربراهه سردار اختر مينگل

آئين ۽ قانون جي بالادستيءَ لاءِ شروع ٿيل تحريڪ مقصد حاصل ڪرڻ تائين جاري رهندي: محمود خان اڇڪزئي

ڪوئيٽا (م ڊ) اپوزيشن اتحاد جو بلوچستان جي شهر پشين ۾ حڪومت مخالف پهريون جلسو، پي ٽي آءِ اڳواڻ عمر ايوب چيو آهي ته حڪومت خلاف تحريڪ کي تيز ڪيو ويندو، آئيني حق حاصل ڪرڻ تائين جدوجهد جاري رهندي. بي اين پي سربراهه سردار اختر مينگل چيو ته مرڪز ۾ نهيل حڪومت کي نٿا مڃون، عوام جو چوري ڪيل مينڊيٽ واپس ورتو ويندو، محمود خان اڇڪزئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

لاڙڪاڻي ۾ آئيس فيڪٽري ۾ ڌماڪو، 2 ڄڻا سڙي زخمي ٿي پيا

زخمين ۾ 13 سالن جو نينگر الهه ڏنو پٽ خليل احمد ڪلهوڙو ۽ مستري نوجوان عبدالحڪيم پنهور شامل آهن

آئيس فيڪٽري ۾ اوچتو ڌماڪو ٿيو جنهن ۾ نينگر الهه ڏنو ڪلهوڙو ۽ مستري عبدالحڪيم پنهور زخمي ٿي پيا، وارث

واقعو گيس سلينڊر ڦاٽڻ سبب پيش آيو آهي، ڌماڪي سبب آئيس فئڪٽري مڪمل طور تباهه ٿي وئي آهي: ڊي ايس پي ظهور سومرو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي ستون نمبر ناڪي واري علائقي ۾ قائم آئيس فئڪٽري ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ نينگر سميت 2 ڄڻا سڙي سخت زخمي ٿي پيا جن ۾ 13 سالن جو نينگر الهه ڏنو پٽ خليل احمد ڪلهوڙو ۽ مستري نوجوان عبدالحڪيم پنهور شامل آهن. زخمين کي سندن وارثن ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪنائي چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

غربت ۽ بيروزگاري سبب ٿر جي مختلف علائقن ۾ ٻن عورتن سميت ٽن ڄڻن مبينا طور آپگهات ڪري ڇڏيو

ڇٽورو پرسان ڳوٺ شمس الدين دل ۾ عورت واري کولهي مبينا طور ڦاهو کائي زندگي جو انت آندو

ڳوٺ ٻورلو ۾ ناري جو ڦاهو کاڌل لاش هٿ، ڳوٺ سنڌوڙي مان به رميش ميگهواڙ جو وڻ ۾ ٽنگيل لاش مليو

سنڌ ۾ غربت ۽ بيروزگاري ۾ واڌ بعد آپگهات جا واقعا به وڌي ويا، ٿر جي مختلف علائقن ۾ ٻن عورتن سميت وڌيڪ ٽن ڄڻن مبينا طور آپگهات ڪري ڇڏيو. ڇٽورو پرسان ڳوٺ شمس الدين دل ۾ عورت واري کولهي ڦاهو کائي زندگي جو انت آندو. ننگرپارڪر پرسان ڳوٺ ٻورلو ۾ گهر مان ناري جو ڦاهو کاڌل لاش هٿ، ننگرپارڪر جي ڳوٺ سنڌوڙي مان به ننگر رميش ميگهواڙ جو وڻ ۾/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سلطانپور پرسان نوڪري لاءِ طئي ڪيل رقم نه ڏيڻ تان مرشد ۽ مريدن ۾ جهيڙو، 6 زخمي

گادي نشين پير عالمگير چشتي پاران مريد وزير ميتلو کي پئسن عيوض نوڪري وٺي ڏيڻ بعد طئي ٿيل رقم نه ملڻ تان جهيڙو ٿي پيو

زبردستي زمين وٺڻ تان ميتلا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو لٺيون ۽ سوٽا لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا 6 ڄڻا عاقب علي ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

منهنجا مائٽ زبردستي منهنجي هڪ جريب زمين زبردستي مرشد کي ڪاتو ڪري ڏيڻ لاءِ ڪاهه ڪري حملو ڪيو آهي : وزير ميتلو

سلطانپور(رپورٽ قربان علي مهر) سلطانپور پرسان ڳوٺ هادي بخش ميتلو ۾ نوڪري لاءِ طئي ڪيل رقم نه ڏيڻ تان مرشد ۽ مريدن ۾ جهيڙو 6 ڄڻا زخمي .ميڊيڪل ليٽر تي علاج لاءِ تعلقه اسپتال پنوعاقل منتقل. ٻنهي ڌرين پاران هڪ ٻئي خلاف سلطانپور ڪينٽ ٿاڻي تي اين سي داخل. ڪجهه سال اڳ درگاهه آستانه چشتي جي گادي نشين پير عالمگير چشتي پاران مريد وزير/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر : پ پ جي مرڪزي اڳواڻ خورشيد احمد شاهه پاران سول اسپتال جو دورو

جي ايم سي پرنسپل ۽ ايم ايس نوان مقرر ٿيا آهن اميد آهي ته اهي ٽن مهينن ۾ سول اسپتال جي صورتحال ۾ بهتري آڻيندي : خورشيد شاهه

حڪومت کي ٽف ٽائم مليو ته حڪومت جي ڪارڪردگي بهتر ٿي ويندي حڪومت کي گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال لڳندا

معيشت کي سڌارڻ ۾ ڊالر جي گهٽجڻ جو امڪان آهي جيڪڏهن زراعت تي ڌيان ڏنو وڃي ته معاشي صورتحال بهتر ٿي سگهي ٿي

سکر(رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) پ پ جي مرڪزي اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه سول اسپتال سکر جو دورو ڪرڻ ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته جي ايم سي پرنسپل ۽ ايم ايس نوان مقرر ٿيا آهن اميد آهي ته اهي ٽن مهينن ۾ سول اسپتال جي صورتحال ۾ بهتري اينڊي هن چيو ته حڪومت کي ٽف ٽائم مليو ته حڪومت جي ڪارڪردگي بهتر ٿي ويندي حڪومت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سکر: پ پ اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڏوڪري جي رهواسي ٻن ڀائرن
گهر تي ويل پيرسن والد جي
ڳولا ۾ مدد لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ ڏوڪري شهر جي رهواسي ٻن ڀائرن گهر تي ويل پيرسن ذهني مريض والد جي ڳولا ۾ مدد لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو. ان موقعي تي ڏوڪري شهر جي جي رهواسي پوڙهيت نوجوان عامر علي ميراڻي پنهنجي ڀاءُ آفتاب ميراڻي سان گڏجي صحافين آڏو دانهيندي چيو ته اسان جي والد محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

گولاڙچي پرسان ڳوٺ ڪيڙ ملاح جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

جوابدارن زمين تي سنڌ بلوچستان کان هٿياربند ماڻهو گهرائي زبردستي قبضو ڪري ورتو آهي : مظاهرين

سڳوري پاران زمين اسان جي حوالي ڪرڻ حڪم ڪيو آهي ۽ اي ڊي سي ون وٽ پڻ ڪيس هلندڙ آهي

بااثر ماڻهن پاران ڪيل قبضو ختم ڪرائي ڪوڙي ايف آئي آر خارج ڪئي وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) گولاڙچي جي چڪ نمبر 28 ڳوٺ ڪيڙ ملاح واسي عورت ذاهده ملاح پنهنجي ملاح برادري جي عثمان ملاح ۽ 40کان وڌيڪ ماڻهن سان گڏ نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

بدين: ڳوٺ ڪيڙ ملاح واسي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

نئون ديرو : شهيد بينظير ڀٽو جي
سئوٽ عادل منصور ڀٽو پاران
زمين تي قبضي خلاف احتجاج

نئون ديرو (رپورٽر) شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جو سئوٽ عادل منصور ڀٽو جو زمين تي قبضي خلاف احتجاج .مظاهرو تفصيل موجب ڳڙهي خدابخش ڀٽو جي رهواسي شهيد راڻي بينظير ڀٽو صاحبه جي سئوٽ اختيار خان ڀٽو جي فرزند عادل منصور ڀٽو احتجاج ڪندي چيو آهي ته منهنجي زرعي زمين ديهه سعدوديرو ۾ آهي جنهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس :جلالدين مهر

پوري اميد آهي ته اوهان سان اسپورٽس جي حوالي سان منهنجو مڪمل سهڪار رهندو

يوٿ افيئر شڪارپور جي راندين لاءِ سهڪار سان گڏ مڪمل تعاون جو يقين ڏياري ٿو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) سيڪريٽري اسپورٽس ۽ يوٿ افيئر ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ جلالدين مهر پاران شڪارپور ڊسٽرڪٽ جو سرپرائيز دورو ڪيو ويو. ان موقعي تي سيڪريٽري اسپورٽس ۽ يوٿ افيئر سنڌ جلالدين مهر کي پروفيسر اعجاز احمد ڪوڪر سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپي سان گڏ ڪتابن جي سيٽ جا تحفا پيش ڪيا جڏهن ته شهيد شيراز ڪلب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

عوام جي بي لوث خدمت اول ترجيح آهي : ممتاز علي چانڊيو

غير سياسي بنياد تي رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن، اسان سياست کي عبادت سمجهون ٿا

اسان حلقي ۾ عوام جي بي لوث خدمت ڪئي آهي ۽ غير سياسي بنياد تي ترقياتي ڪم پڻ ڪرايا آهن

پريس ڪلب مٺياڻي (رجسٽرڊ) صحافين جي تربيت ۽ اصلاح وارو بهترين ادارو آهي : اختر عباسي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) عوام جي بي لوث خدمت اول ترجيح آهي.غير سياسي بنياد تي رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن. ممتاز علي چانڊيو _ ايم پي اي. خبر موجب پريس ڪلب مٺياڻي (رجسٽرڊ) جي سال 2024 جي چونڊيل باڊيءَ جي حلف برداريءَ واري تقريب ايليمينٽري ڪاليج مٺياڻيءَ ۾ ٿي گذري . تقريب کي خطاب ڪندي ٽڪ جي ايم پي اي ممتاز علي چانڊيو چيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دڙو ۾ پاڻي جي کوٽ، ڌارين جي آبادڪاري ۽ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

جئي سنڌ قومي پارٽي پاران قادر بخش زنئور، انور خاصخيلي، سراج رسول، مختيار زنئور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

سنڌ ۾ خراب طرز حڪمراني، سازشون ۽ مخصوص ذهنيت امن امان جي خرابي جو مک ڪارڻ آهي : مظاهرين جون دانهون

حڪومت جي نااهلي سبب سنڌ ۾ هترادو پاڻي جي کوٽ پيدا ڪئي وئي آهي جنهن ڪري زرعي توڙي پيئڻ جو پاڻي اڻلڀ ٿي ويو آهي

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ پاڻي جي کوٽ، ڌارين جي آبادڪاري ۽ معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو، نعريبازي. تفصيل موجب دڙو ۾ جئي سنڌ قومي پارٽي پاران قادر بخش زنئور، انور خاصخيلي، سراج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دڙو: پاڻي کوٽ ۽ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪيبر پرسان ڊاڪسن
جو موٽرسائيڪل کي
ٽڪر، 3 زخمي

نيوسعيدآباد(رپورٽر) ڪيبر ويجهون قومي شاهراهه تي ڊاڪسن جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر نتيجي ۾ ٻه مرد هڪ عورت سخت زخمي ٿي پئي آهي متياري : ڪيبر ويجهون قومي شاهراهه تي ڊاڪسن جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر نتيجي ۾ مسمات عظيمه هڪ اٺ سالا نينگري دلشير مگنهار ولد علي شير ۽ ڪامران مگنهار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر ۾ ڪي ايف سي تي حملي ۾ ملوث 8 جوابدارن کي حراست ۾ ورتو ويو

سوشل ميڊيا وڊيوز جي مدد سان وڌيڪ ملوث جوابدارن جي سڃاڻپ جو عمل جاري

ايس ايس پي سکر عابد علي بلوچ پاڻ واقعي واري هنڌ پهتو، واقعي جو تفصيلي معائنو ڪيو

ملوث شرپسندن کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو : ايس ايس پي سکر

سکر(رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ ڪي ايف سي تي حملي ۾ ملوث 8 جوابدارن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي سوشل ميڊيا وڊيوز جي مدد سان وڌيڪ ملوث جوابدارن جي سڃاڻپ جو عمل جاري آهي.ايس ايس پي سکر عابد علي بلوچ پاڻ واقعي واري هنڌ پهتو. واقعي جو تفصيلي معائنو ڪيو پوليس آفيسرن کي حڪم جاري ڪيا جنهن تي عمل ڪندي پوليس کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سانگهڙ پوليس پاران 3000 کان وڌيڪ گٽڪا پڙيون ۽ شراب هٿ، 5 جوابدار گرفتار

ايس ايس پي سانگهڙ اعجاز احمد شيخ جي هدايتن تي منشيات فروشن خلاف ڪاروايون جاري

پوليس منشيات فروش محمود پتي کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 2200 گٽڪا پڙيون هٿ ڪيون

گرفتار ٿيل منشيات فروشن خلاف منشيات ايڪٽ جي قلمن تحت ڪيس داخل ڪيا ويا

سانگهڙ(رپورٽر) 05 منشيات فروش گرفتار 3000 کان وڌيڪ صحيت لاءِ نقصانڪار گٽڪا پڙيون ۽ شراب هٿ ڪيو ويو سانگهڙ: تفصيل موجب ايس ايس پي سانگهڙ اعجاز احمد شيخ جي هدايتن تي منشيات فروشن خلاف ڪاروايون جاري آهن ان سلسلي ۾ انچارج سي آءِ اي سانگهڙ اڪبرخان مري پنهنجي ماتحت عملي سان گڏ گشت دوران منشيات فروش محمود/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سانگهڙ: پوليس پاران گرفتار ڪيل جوابدار بيٺل آهن

ميهڙ پرسان ڳوٺ رهڙو
شريف جي رهواسين
پاران احتجاج

ميهڙ(رپورٽر) ميهڙ پرسان ڳوٺ رهڙو شريف جا رهواسي محمد نواز مهيسر ، ظهير مهيسر ، توفيق مهيسر نيشنل پريس ڪلب ميهڙ پهچي احتجاج ڪندي دانهيو آهي ته ڪجهه شرپسند ماڻهو فيس بوڪ تي ڪوڙيون آءِ ڊيز ناهي اسان جي خلاف ڪوڙيون خبرون هلائي اسان جي ميڊيا ٽرائل ڪئي وڃي ٿي هنن چيو ته اسين مزدوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪنڊياري پرسان موٽرسائيڪل بجلي ٿنڀي سان ٽڪرائجي وئي، هڪ فوت

حادثي سبب موٽر سائيڪل سوار هڪ ڄڻو موقعي تي فوت ٿي ويو ۽ ٻه ڄڻا سخت زخمي ٿيا

فوتي نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو، پونيئرن سان تعزيت جاري

سانگهڙ(رپورٽر) سانگهڙ ويجهو ڪنڊياري پرسان ڳوٺ سليمان وسڻ وٽ موٽرسائيڪل بجلي ٿنڀي سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار هڪ ڄڻو موقعي تي فوت ٿي ويو ۽ ٻه ڄڻا سخت زخمي ٿيا آهن هوڏانهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سانگهڙ: ڳوٺ سليمان وسڻ پرسان روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويل نوجوان جو مڙهه پيل آهي

نوشهروفيروز پرسان سالانه مفت بلڊ ڊونيشن ڪئمپ لڳائي وئي

اسان هر سال ٻين سماجي ڪمن سان گڏ رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائيندا آهيون : اڳواڻ

سرندي وارا هن نيڪ ڪم ۾ حصو وٺي هر ڳوٺ توڙي شهر ۾ اهڙيون ڪئمپون لڳائن

نوشهروفيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) انصاري ينگ ويلفيئر ايسوسيئيشن گهيڙ گهوجي تعاون سان فاطميه ريجنل بلڊ سينٽر شهيد بينظيرآباد پاران سالانه مفت بلڊ ڊونيشن ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ ڪيترن ئي ڊونرن رت جو عطيو ڏنو ان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

عملي جون موڪلون پڻ منسوخ ڪيون ويون آهن : مرتضيٰ وهاب

امڪاني برساتن کي نظر ۾ رکندي واٽر ڪارپوريشن جو سمورو عملو هاءِ الرٽ هوندو

سمورين سڪشن مشينون ۽ ڊي واٽرنگ پمپس سميت ٻئي مشينري هاءِ الرٽ آهي

ڪراچي(رپورٽر) ميئر ڪراچي ۽ چيئرمين واٽر ڪارپوريشن بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جي هدايتن تي واٽر ڪارپوريشن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر جي وارينٽر ۽ ٻين پاڙن ۾ گيس جي سپلاءِ وارو مسئلو نه ٿي سگهيو

اديب مجيد نواز مغل واپاري اڳواڻ اشفاق راجپوت اسرار علي ناصر علي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪيترائي ڀيرا شڪايتون ڪرڻ باوجود ڪو به تدارڪ نه ڪيو ويو آهي : مظاهرين جون دانهون

سکر(بيوروپورٽ) گذريل 20 ڏينهن کان سکر شهر جي گنجيل آبادي وارينٽر ۽ ٻين پاڙن ۾ گيس جي سپلاءِ وارو مسئلو نه ٿي سگهيو آهي .هتان گيس صارفين سينيئر صحافي اديب مجيد نواز مغل واپاري اڳواڻ اشفاق راجپوت اسرار علي ناصر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

درگاهه شاهه نوراني پرسان پيش ايندڙ حادثو دل ڏکائيندڙ واقعو آهي : سسئي پليجو

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهي علائقي ۾ مختلف جاين تي جديد سهولتن سان ٽراما سينٽر ٺاهيا وڃن

نوشڪي ۾ 9 مزدورن جي قتل واقعي تي گهري ڏک جو اظهار ڪريون ٿا، جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) اڳوڻي سينيٽر ۽ پ پ اڳواڻ سسئي پليجو چيو آهي ته درگاهه شاهه نوراني پرسان پيش ايندڙ حادثو انتهائي دل ڏکائيندڙ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽو: پ پ اڳواڻ سسئي پليجو ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

سڪرنڊ ۾ علاج نه ڪرڻ خلاف زخمي عورتن پاران احتجاج

اسپتال ۾ ڊاڪٽر موجود نه هئا ۽ زخمي عورت جو علاج نه ٿي سگهيو آهي : عورتون

معاملي جو نوٽيس وٺي مسمات نواز خاتون جو فوري طور علاج ڪيو وڃي

سڪرنڊ (رپورٽ: راج ڪماراوڏ) ريلوي روڊ سڪرنڊ جي رهواسي عورتن تعلقه اسپتال سڪرنڊ ۾ پوليس پاران ليٽر ڏيڻ باوجود علاج نه ڪرڻ خلاف زخمي عورت نواز خاتون زال غلام حيدر رند سان گڏ سڪرنڊ پريس ڪلب اڳيان احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سڪرنڊ: ريلوي روڊ واسي عورتون تعلقه اسپتال عملي خلاف احتجاج ڪري رهيون آهن

ٺٽي ۾ آل سنڌ ڊسپينسر ويلفيئر ايسوسيئيشن جي هيڊ آفيس جو افتتاح

تنظيم جو مقصد پوري سنڌ اندر ڪم ڪندڙ ڊسپينسرن جي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪرڻ آهي :اڳواڻ

ٻين شعبن جيان هن وقت ڊسپينسر به تمام گهڻين مشڪلاتن کي منهن ڏيئي رهيا آهن

ٺٽو(ر) آل سنڌ ڊسپينسر ويلفيئر ايسوسيئيشن جي هيڊ آفيس جو افتتاح مڪلي تي آل سنڌ ڊسپينسر ويلفيئر ايسوسيئيشن جي مرڪزي صدر ساوند بلوچ، جنرل سيڪريٽري خالد حسين جت، فوڪل پرسن عبدالعزيز جلباڻي ۽ ٻين پاران ڪندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ملير : پرائمري استاد غلام نبي جت جي قتل بعد علائقي ۾ خوف پکڙجي ويو

واقعي بعد ريڙهي ڳوٺ مان ڊسٽرڪٽ جي مختلف ٿاڻن جي پوليس جا اٽالا مقرر ڪيا ويا

اسان سان ظلم ڪيو ويو آهي 8 مهينن ۾ 2 ڀيرو قتل ڪيا ويا آهن قاتل گرفتار ڪيا وڃن : مظاهرين

ملير (رپورٽ فاروق ڦنگوار) ملير جي ريڙهي ڳوٺ ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿي ويل رٽائرڊ پرائمري استاد غلام نبي جت جي قتل بعد علائقي ۾ خوف پکڙجي ويو آهي. ريڙهي ڳوٺ مان ڊسٽرڪٽ جي مختلف ٿاڻن جي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ملير: پرائمري استاد غلام نبي جت جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

سکر پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر نصرالله وسير جي پٽ جي وليمي جي تقريب

وليمي جي تقريب ۾ پ پ جي مرڪزي اڳواڻ سيد خورشيد احمد ۽ ٻين اڳواڻن جي شرڪت

سمورن اڳواڻن گهوٽ جي والد، گهوٽ کي مبارڪون ڏنيون ۽ خوشي جو اظهار ڪيو

سکر(رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ)سکر جي سينيئر صحافي ۽ سکر پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر نصرالله وسير جي پٽ شاهزيب وسيرشادي جي وليمي جي تقريب پ پ جي مرڪزي اڳواڻ سيد خورشيد احمد پي ايف يوجئي جي مرڪزي اڳواڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٽنڊو محمد خان ۾ عيدالفطر جي موقعي تي پوليس فورسز جو گشت

مسجد علي عليه اسلام ، امام بارگاهه سميت مختلف مسجدن ۾ عيد جي نمازجا اجتماع

روڊن رستن تي امن امان جي صورتحال جي ضابطي لاءِ پوليس جو گشت جاري رهيو

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ عيدالفطر جي موقعي تي عيد جا مختلف عيدگاهن ، مسجدن ، امام بارگاهه ۾ عيد نمازجا وڏا اجتماع پوليس فورسز جو گشت ،خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ عيدالفطر جي موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪي اين شاهه پرسان ڇٽن سالن کان سيد ۽ کوسا برادرين ۾ هلندڙ زمين جو معاملي جو نبيرو ٿي ويو

سيد اڪبر شاهه ۽ عبدالغفور ڪوسو جي ڌرين ۾ زمين جي مالڪي تان هڪ ٻئي مٿان آمهون سامهون سخت فائرنگ ڪئي وئي هئي

چڳن مڙسن جي فتويٰ تي ٽوٽل زمين جي رقم جيڪا به ٿئي سيدن کي ڪوسا ڏيندا ۽ سيد زمين ڪوسن کي لکي ڏيندا، ٻئي ڌريو راضي ٿي ويا

نبيري دوران ٻنهي ڌرين کي قرآن پاڪ تي ٺاهه ڪرائي ڇڏيو فيصلي جو ٻڌي علائقي ۾ خوشي جي لهر پکڙجي وئي

خيرپورناٿن شاهه(رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) خيرپورناٿن شاهه لڳ ڳوٺ صاحب کوسو چيچاپور ۾ ڇٽن سالن کان سيد ۽ کوسا برادرين ۾ هلندڙ زمين جو معاملي جو نبيرو ٿي ويو خبر موجب/ خيرپورناٿن شاهه لڳ ڳوٺ صاحب کوسو چيچاپور ۾ ڇٽن سالن کان سيد ۽ کوسا برادرين ۾ هلندڙ زمين جو معاملي جو نبيرو ٿي ويو سيد اڪبر شاهه ۽ حاجي عبدالغفور ڪوسوجي ڌرين ۾ ڪچ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

خانپور مهر ۾ هٿياربندن صحافي جي ننڍي ڀاءُ کي گوليون هڻي مرٽنگ ڪري ڇڏيو

زخمي ڳنڀير حالت ۾ پنوعاقل چانوٽي اسپتال منتقل. جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ٽائي آڌو احتجاج

اطلاع ملڻ تي پوليس ۽ پتافي برادري جي ماڻهن پهچي زخمي ٿيل صحافي جي ڀاءُ کي تعلقي اسپتال پهچايو

واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج وسيع ڪيو ويندو : مظاهرين

خانپورمهر (رپورٽ:آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ هٿياربندن صحافي خان محمد پتافي جي ننڍي ڀاءُ جاني پتافي کي گولين هڻي مرٽنگ ڪري ڇڏيو. زخمي ڳنڀير حالت ۾ پنوعاقل چانوٽي اسپتال منتقل. جوابدارن جي گرفتاري لاءِ خانپورمهر جي صحافين ۽ زخمي جي وارثن جو ٽائي آڌو ڌرڻو. جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو.معاملي جو ڊي آئي جي سکر نوٽيس ورتو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

خانپورمهر: صحافي جي ڀاءُ تي ٿيل حملي خلاف قلم ڌڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

موسميات کاتي پاران برساتن جي
اڳڪٿي بعد ضلعي انتظاميه
مٽياري پاران الرٽ جاري

مٽياري (رپورٽر) موسميات کاتي پاران برساتن جي اڳڪٿي بعد ضلعي انتظاميه مٽياري پاران الرٽ جاري نئين مقرر ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل ميونسپل، ٽائون ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ عملي کي فيلڊ ۾ رهڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ پاران مڪاني ادارن ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سڪرنڊ : سمس اسڪول مجيد ڪيريو ۾ ”ڊاڪٽر درشهوار سيد ايوارڊ“ جي نالي تقريب

ڊاڪٽر درشهوار سيد هڪ رول ماڊل آهي جيڪڏهن اسين ان کي فالو ڪيون ته منزلون ماڻي سگهون ٿا : اڳواڻ

سمس اسڪول جي ٻارن جو ٽيلينٽ ڏسي چئي سگهجي ٿو هتي جو اسٽاف ۽ انتظاميه ڪيتري قابل آهي

ڊاڪٽر درشهوار سيد سنڌ جي اها عظيم نياڻي هئي جنهن دنيا جون سڀ رڪارڊون ٽوڙي ان دور ۾ تعليم حاصل ڪئي

سڪرنڊ(رپورٽ راج ڪماراوڏ) شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ صوفي ازم تي ڀرين سنڌي مسلمان نياڻي ڊاڪٽر درشهوار سيد جنهن پي ايڇ ڊي ڪري ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي تنهن کي سنڌس جنم ڏهاڙي جي موقعي تي سنڌس ڪيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سڪرنڊ: ڊاڪٽر درشهوار سيد جو جنم ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي

ڄام ظهير علي خان قائم
مقام ضلعي چيئرمين
سانگهڙ بڻجي ويو

سنجهورو(رپورٽر) ڄام ظهير علي خان قائم مقام ضلعي چيئرمين سانگهڙ بڻجي ويو مستقل ضلع چيئرمين منتخب ٿيڻ تائين هو ضلع چيئرمين جا پاور استعمال ڪري ضلعي جو ڪاروبار هلائيندو .ضلعي جي بهتري لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندس ڄام ظهير علي خان جون صحافين سان ڳالهيون. ان سلسلي ۾ رپورٽ موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شڪارپور پوليس پاران ڌاڙيلن خلاف ڪچي واري علائقي ۾ ٽارگيٽڊ آپريشن جاري

ايس ايس پي شڪارپور عرفان علي سمون شڪارپور پوليس ڪچي جا سمورا داخلي ۽ خارجي رستا بند ڪري ڇڏيا

ايس ايس پي شڪارپور _ آپريشن دوران ڌاڙيلن جي ٺڪاڻن کي باهه ڏيئي تباهه ڪيو ويو

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) شڪارپور پوليس جو ڌاڙيلن خلاف ڪوٽ شاهو جي ڪچي واري علائقي ۾ ٽارگيٽڊ آپريشن جاري آهي. ان حوالي سان ايس ايس پي شڪارپور عرفان علي سمون پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته ٿاڻي ڪوٽ شاهو جي ڪچي واري علائقن ۾ مغوين جي بازيابيءَ لاءِ ٽارگيٽڊ آپريشن ڪيو پيو وڃي. شڪارپور پوليس پاران ڪچي جا سمورا داخلي ۽ خارجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٺٽو : ڪوهستاني ڳوٺ ليمون بروهي جي رهواسين پاران صحافين اڳيان دانهون

پرائمري اسڪول استاد جي رٽائرڊ ٿيڻ سبب بند ٿي وڃڻ ڪري ڪيتري ئي وقت کان وٺي سندن ٻارڙا تعليم کان محروم بڻجي رهيا آهن : مظاهرين

چوپائي مال ۾ وچرندڙ بيماريون ڦهلجڻ ڪري سندن چوپايو مال بيمارين ۾ ورڪوڙجي مرڻ لڳو آهي، جنهن ڪري ڀاڳئين کي نقصان پهچي رهيو آهي

فورن اسان جي بند پيل اسڪول تي استاد مقرر ڪري سندن ٻارڙن کي تعليم ڏياري ڪين پيئڻ جي پاڻي سميت سمورين بنيادي سهولتون مهيا ڪيون وڃن

ٺٽو(ٻر) ٺٽي ويجهو ٺٽو/جهمپير روڊ پرسان قائم ڪوهستاني ڳوٺ ليمون بروهي جي رهواسين ملان امام بخش بروهي، واحد بخش عرف واحدو بروهي، پورو بروهي، مولابخش عرف باقي، يونس، جمعون بروهي ۽ ٻين مڪلي تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سندن ڳوٺ جو هلندڙ پرائمري اسڪول استاد جي رٽائرڊ ٿيڻ سبب بند ٿي وڃڻ ڪري ڪيتري ئي وقت کان وٺي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

محمد خان مان پوليس جو منشيات خلاف آپريشن دوران 14 جوابدار منشيات سميت گرفتار

محمد ابراهيم زئور، محمد بخش پنهور، سيد گلن شاهه، شهريار پتي، محمد خان چانڊيو، عنايت شاهه، ذوالفقار زئور ۽ ٻيا شامل

ساجد علي سهتو، چنڪو ڪولهي، زاهد رند، ربوجي ڪولهي، عبدالرزاق مگنهار، جنيد، لائق جماري کي گرفتار ڪري ڪيس داخل

منشيات جي مڪمل خاتمي لاءِ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد امداد شاهه جي ڏنل احڪاماتن تحت آپريشن کي جاري رکيو ويندو : پوليس

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفرعلي بروهي) ٽنڊو محمد خان مان پوليس جو منشيات خلاف آپريشن دوران 14 جوابدار منشيات سميت گرفتار ، وڏي مقدار ۾ ڪچو شراب ، مين پوڙي گٽڪو هٿ . خبر موجب ٽنڊو محمد خان مان پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊو محمد خان: پوليس پاران گرفتار ڪيل جوابدار ۽ هٿ ڪيل منشيات جو ڏيک

مٽياري پوليس پاران منشيات
فروشن ۽ منشيات فروشن
خلاف آپريشن

مٽياري(رپورٽر) سنڌ جي سينيئر صوبائي وزير اطلاعات، ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي سخت نگراني ۽ هدايتن ڪانپوءِ مٽياري پوليس جي منشيات فروشن ۽ منشيات فروشن خلاف رات سخت آپريشن. ايس ايس پي مٽياري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

شڪارپور تخليقي سنگت جي گڏجاڻي ۾ اديبن ناساز ادبي حالتن تي پنهنجا تحفظات ظاهر ڪري ڇڏيا

ثابت قدمي سان جدوجهد جون تجويزون صحافي عديل علوي تي تشدد جي مذمت ۽ سندس انصاف لاءِ آواز اٿارڻ جو فيصلو

نسيم بخاري ۽ زبير ساجن چانڊيو پنهنجون نڪور تخليقون پيش ڪيون ۽ شاهد سومرو گيت پيش ڪري محفل کي گرمائي ڇڏيو

تاريخ ماڻهو نه پر ان جي ڪم ۽ ڪارڪردگي کي ياد رکندي آهي انڪري جيڪو ماڻهو سماج لاءِ اجتماعي طور تي لاڀائتو ثابت ٿئي ٿو : اڳواڻ

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شڪارپور تخليقي سنگت جي گڏجاڻي ۾ نامور اديبن ناساز ادبي حالتن تي پنهنجا تحفظات ظاهر ڪري ڇڏيا. ڀرپور ڪردار جي ادائيگي لاءِ ضروري سنجيدگي ۽ ثابت قدمي سان جدوجهد جون تجويزون. صحافي عديل علوي تي تشدد جي مذمت ۽ سنڌس انصاف لاءِ آواز اٿارڻ جو فيصلو. شڪارپور ۾ تخليقي سنگت جي گڏجاڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نويد خيال پاڻ بهترين صحافي، ليکڪ، اديب شاعر ۽ سماج سڌارڪ هو : سانگهڙ ۾ ميڙاڪو

نويد خيال گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو، سندس شاعري معاشري جي عڪاسي ڪري ٿي

سموري حياتي جدوجهد ۾ گذاري ڪڏهن به ورچي نه ويٺو غريب مسڪين ماڻهن جو هڏ ڏوکي هو

جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۽ وڻ ٻوٽا پوکڻ ۾ به ڪنهن کان پوئتي نه رهيو اهڙا ڪردار تمام گهٽ اڻلڀ هوندا آهن

سانگهڙ (رپورٽر: مختار علي رند) نويد خيال گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو. سنڌس شاعري معاشري جي عڪاسي ڪري ٿي پاڻ بهترين صحافي. ليکڪ. اديب شاعر ۽ سماج سڌارڪ هو سموري حياتي جدوجهد ۾ گذاري ڪڏهن به ورچي نه ويٺو غريب مسڪين ماڻهن جو هڏ ڏوکي هو اهڙو اظهار تالي واري وڪيل جميل احمد. اسلم ميمڻ. امر لغاري. ميرحسن مري .حسن لانڊر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سانگهڙ: سماجي اڳواڻ نويد خيال جي ياد ۾ ڪرايل ميڙاڪي جو ڏيک

ميهڙ ۾ 3 سال اڳ پيار
پرڻو ڪندڙ جوڙي
پاران احتجاج

ميهڙ(رپورٽر) 3 سال اڳ پريا ستي جي رهواسڻ مسمات شمشاد وسترو پاران ڪي اين شاهه تعلقي جي ڳوٺ ٽلهو جي رهواسي نوجوان عبدالرحيم اوڍرال سان پسند جو پرڻو ڪيو هو جوڙي پاران نيشنل پريس ڪلب ميهڙ پهچي احتجاج ڪندي دانهيو آهي ته 3 سال اڳ اسان پسند جي شادي ڪئي هئي تنهن تان ڪجهه مائٽ ناراض/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

ايڊيٽر:
اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 14 اپريل 2024ع

'پلصراط' جهڙا رستا ۽ ڦيٿن هيٺان چيڀاٽجندڙ زندگيون

هونئن ته زندگي هميشه کان حادثن جي شاهراهن تي هلندي رهي آهي، پر انساني غلطي، معمولي لاپرواهيءَ، توڙي پلصراط جهڙا خطرناڪ رستا به نقصانن ۾ اضافي جو سبب بڻجندا رهيا آهن. شايد ئي ڪو اهڙو ڏينهن هجي جو رڳ جا راڪاس زندگين جو خراج نه وصول ڪندا هجن. ڳڀرو جوانيون ڪارن ڦيٿن جي هيٺان اچي چيڀاٽجنديون ۽ چچرجنديون نه هجن. اهڙو ئي هڪ حادثو عيد واري ڏينهن شاهه بلاول نوراني جي درگاهه تي زيارت لاءِ ويل مڪليءَ جي ڳوٺ قاسم جوکيو واسي پانڌيئڙن سان پڻ پيش آيو آهي، جتي پانڌيئڙن سان ڀريل ٽرڪ ڊرائيور جي وس مان نڪري اونهي کاهيءَ ۾ وڃي ڪري، جنهن جي نتيجي ۾ 18 ماڻهو فوت ٿي ويا ۽ 50 کان وڌيڪ ماڻهن جي زخمي ٿيڻ جون خبرون آهن. سنڌ جون ڪيترون ئي درگاهون امن، پائيچاري، مذهبي هم آهنگي ۽ صوفياڻي فڪر جون پرچارڪ رهيون آهن. انهن ئي درگاهن تان پيار جو پيغام ملندو رهيو آهي. ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته ڪيترين ئي درگاهون گادي نشينن ۽ اوقاف لاءِ صرف ڪمائي جو ذريعو بڻيل آهن. پر ڪجهه درگاهون حقيقي صوفياڻي فڪر جي ڦهلاءَ جو مرڪز رهيون آهن، جتي هن نفانفسي جي دور ۾ ماڻهو ذهني سڪون جي تلاش ۾ وڃن ٿا. انهن درگاهن ۾ شاهه بلاول نوراني جي درگاهه پڻ شامل آهي. نه صرف سنڌ پر سڄي ملڪ مان ماڻهن جو وڏو تعداد بلوچستان جي جبلن ۾ موجود تيرٿن، آستانن، ٽڪين ۽ درگاهن جي زيارتن لاءِ ويندو آهي. تمام گهڻا ماڻهو شاهه بلاول نوراني، لاهوت، هنگلاج ۽ ٻين زيارتن ڏانهن ويندا آهن. انهن درگاهن تان اوقاف کاتي کي هر سال ڪروڙين رپين جو نذرانو وصول ٿيندو آهي پر حقيقت اها آهي ته انهن درگاهن تي نه زائرين کي ڪا سهولت آهي، ايتري قدر جو اتي رسائي ۽ پهچ جا رستا به انتهائي ڏکيا ۽ دشوار گذار آهن. اهو سڄو علائقو جابلو لڪن ۽ ٽڪرين تي ٻڌل آهي ۽ انهن زيارتن تائين پهچڻ لاءِ ڪي به بهتر روڊ رستا جوڙايل ناهن. جو ماڻهو اتي سلامتيءَ سان پهچي سگهن. جيڪڏهن حڪومت اتي سهولتون مهيا ڪري ۽ روڊ رستا تعمير ٿين ته سياحت کي به هٿي ملي سگهي ٿي پر حڪمران عوام جي عقيدت ۽ ويساهه جو فائدو وٺندا رهيا آهن پر انهن کي ڪا به سهولت مهيا ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن.

شاهه نوراني جي درگاهه تان موٽندڙ زائرين سان حادثو به دشوار گذار لڪن ۽ جابلو رستن جي ڪري پيش آيو. جيئن ته ڪنهن امڪاني حادثي جي صورت ۾ انهن زيارتن، درگاهن ۽ آستانن ڏانهن ويندي زائرين جي ڪا به واهر ٿي نه سگهندي آهي، نه انهن کي ڪا طبي امداد ملي سگهندي آهي ۽ نه ئي وري رستي ۾ ڪي ٽراما سينٽر يا اسپتالون آهن، جتي حادثي جي متاثر ماڻهن کي فوري علاج جون سهولتون ميسر ٿين ۽ انهن جون زندگيون بچي پون، ڇو ته هن ملڪ جي حڪمران اشرافيه کي عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ جي سٽي ئي پيل ناهي. انهن دشوار گذار رستن تي سفر ڪندڙ ماڻهن جي واهر لاءِ، ڪنهن امڪاني حادثي جي صورت ۾ ايئر ايمبولينس هجڻ گهرجي، ڇو ته پر جيستائين ڪراچي يا حب کان ڪا امداد رسي، ايمبولينسون پهچن، تيستائين گهڻي دير ٿي چڪي هوندي آهي. جڏهن 2016ع ۾ شاهه نوراني جي درگاهه تي دهشتگرد حملو ٿيو هو، جنهن ۾ گهڻا ماڻهو حياتيون وڃائي ويٺا هئا ۽ زخمين جو به وڏو تعداد هو، ان وقت به اها ڳالهه مشاهدي ۾ آئي هئي ته ضلعي هيڊڪوارٽر خضدار کان انتظاميا ۽ ريسڪيو ٽيمن کي پهچڻ ۾ گهڻو وقت لڳي ويو هو. هتي ايئر ايمبولينس ته پري جي ڳالهه عام ايمبولينسون به ميسر ناهن، جيڪي زخمين کي ترت اسپتالن تائين پهچائي سگهن. ترت واهر نه ٿيڻ سبب گهڻيون حياتيون ضايع ٿيو وڃن.

درگاهه شاهه نوراني تان ايندڙ مڪلي واسين سان پيش آيل حادثي ۾ حياتين جي وڏي نقصان تي اسان انتهائي ڏک جو اظهار ڪريون ٿا ۽ اها گهر ڪرڻ ۾ به حق بجانب آهيون ته حادثي ۾ حياتيون وڃائيندڙن جي پونئيرن لاءِ مالي سهائتا جو اعلان ڪيو وڃي، ڇو ته انهن مان گهڻا پنهنجي ڪٽنب جا واحد سنڀاليندڙ هئا پر جيئن پوليس حد جو تڪرار جاتائي معاملي کان پري رهندي آهي. شايد هن پيري به ايئن پيو ٿئي جو سنڌ سرڪار ان کي بلوچستان جي حد ۾ ٿيل حادثو سمجهي نظرانداز ڪري رهي آهي، جڏهن ته بلوچستان حڪومت وري زائرين جو تعلق سنڌ سان هئڻ جي ڪري لاتعلق بڻيل آهي. سنڌ سرڪار کي حادثي ۾ حياتيون وڃائيندڙ زائرين جي پونئيرن لاءِ مالي امداد جو ترت اعلان ڪرڻ گهرجي ۽ زخمين جي لاءِ پڻ مالي اعانت جو اعلان ڪيو وڃي. بلوچستان حڪومت کي وفاق جي مدد سان انهن زيارتن، آستانن، درگاهن ۽ ٽڪين ڏانهن ويندڙ روڊ رستا ٺهرائڻ گهرجن ۽ اڳ ۾ ئي ٺهيل روڊن جي مرمت ڪرائڻ گهرجي. رستي تي هڪ مخصوص مفاصلي ڪانپوءِ ٽراما سينٽر قائم ڪرڻ گهرجن ته جيئن ڪنهن امڪاني حادثي جي صورت ۾ ماڻهن جون زندگيون بچي سگهن.

ڊاڪٽر محمد ابراهيم سنڌي جون يادگيريون

ميان مير چانڊيو

يادن جي وهڪري لوڙهي اچ بلڙي شاهه ڪريم جي ان گهٽيءَ ۾ آندو جيڪا گهٽي بازار مان درگاهه ڏانهن وڃي ٿي. جنهن ئي گهٽيءَ جي چيڙي تي 7 اپريل جي ڏينهن ڊاڪٽر ابراهيم سنڌي جي جنازي نماز ٿي هئي. اها سوڙهي گهٽي بازار مان نڪري اڳيان وڃي درگاهه جي قريب ڪشادي ٿئي ٿي، ان ئي گهٽيءَ جي اوڀر طرف وڏا قديم وڻ آهن. انهن وڻن لڳ گهٽيءَ جي اڀرندي ڪناري کان هڪ مٿانهين هنڌ تي هڪ ڪچي اوطاق ياد ٿي اچي، جيڪا ڊاڪٽر ابراهيم سنڌي جي هوندي هئي، جنهن ۾ کٽون، ڪرسيون ۽ به الماريون ڪتابن سان سٿيل پيل هونديون هيون. هڪڙو پٽ پنکو هوندو هو. ٽيبل جي مٿان اجرڪ چادر طور وڇايل هوندي هئي. اوطاق جي اندرئين دروازي تي ڪاٺ جي تختيءَ تي لکيل هوندو هو: "محمد ابراهيم سنڌي". اوطاق جي ڪمري ۾ ابراهيم سنڌي جو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سان گڏ فوٽو ڪاٺ جي فريم ۾ قيد لڳل هوندو هو. منهنجي ساڻس پهرين ملاقات ڪڏهن ٿي، ياد نه آهي، پر ايترو ياد اٿم ته جڏهن آئون هن سان پهريون دفعو مليو هوس ته هن جا وار چٽا ٿي ويا هئا. هو ان وقت ساڳئي شهر جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهائيندو هو. جنهن وقت سيد دلشاد علي شاهه جهڙا جهونا استاد به ساڳئي اسڪول ۾ پڙهائيندا هئا. ان عرصي دوران هن جو نوجوان پٽ گذاري ويو. آئون هن جي ڳوٺ هن سان ڏک ونڊڻ ويو هوس، جيڪو ڳوٺڙو هڪ واهه جي ڪناري هو. اتي ڪچي اوطاق ۾ تڏو وڇايل هو. واهه جي ڪناري کان نمن ۽ ٻٻرن جا گهاٽا وڻ هئا، جن تي پکين ٻوليون ٿي ٻوليون. گهاٽن وڻن ۾ پکين جا آکيرا به هئا. جن ۾ پکي آنا لاهي ٻچا ڦوڙيندا هئا. پوئين دفعي آئون تڏهن ويو هوس، جڏهن پاڻ حج تان موٽيا هئا. ان وقت واهه کي ڪانٽي جي بهاني وڻ وڍائي پکين جا آکيرا ختم ڪرايا ويا هئا. پکي الائي ڪيڏانهن اڏامي هليا ويا. پکي، جانور، انسان سڀ هن سنسار ۾ ڪجه عرصو رهي اڻ ڄاتل لوءِ لڏي ٿا وڃن، جنهن لوءِ جي پهرين ڪائي خبر ناهي هوندي. مون پهريون دفعو زندگي کي بهار جي پپڙي وانگي تڏهن محسوس ڪيو هو، جڏهن منهنجو ڀاءُ جمن، مامون نورمحمد ۽ سئوٽ هاشم گهران ٺهڪ ڏيندي شهر لاءِ نڪتا هئا. ويرم ئي ڪانه گذري ته سندن رتو رت لاش گهر پهتا هئا. هو ٽيئي ڇٽان ايڪسيڊنٽ ۾ گذاري ويا هئا. پوءِ ته مون پرجوش جيئڻ جو آسرو ئي ڇلي ڇڏيو هو. ٻين جو مرڻ ڏسي ماڻهن جي پنهنجي حالت به مٿين جهڙي ٿي وڃي ٿي. جڏهن هو پاڻ سنڀالي هن محسوساتي عالم ۾ موٽن ٿا. تڏهن گهڻو ڪجه وسري وڃي ٿو ۽ وري جنهن پل هنن کي ٻين جو موت ياد پوي ٿو ته هو زندگي تان آسرو ڇلي ٿا ڇڏين. جيئن بهار پپڙي گذريندي دير نٿي ڪري، ايئن زندگي به گذرندي دير نٿي ڪري، مون کي هڪ پراڻي دوست موسيٰ ملڪاڻي هڪ هڪ دفعي چيو هو ته جيڪا به زندگي ملي آهي، اها مسرت سان گذارجي. باقي غم ۽ درد ۾ گهارڻ ويتر مشڪل هوندو آهي. موسيٰ ان وقت گلاس مٿان گلاس ڏوڪي رهيو هو، رات جي پهرئين پهر ۾ تڏ جي ٻولڻ جو آواز اچي رهيو هو. جيڪو آواز وقت گذرڻ سان ويتر تيز ٿيندي ٿي ويو. ان وقت مون کي ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيل مصر جي شاعر بربط نواز جو هي گيت ياد آيو:

اڄ جي رات عيش ۽ طرب ۾ گذار
بهترين ۽ فرحت ڏيندڙ خوشبوئن جو مزو وٺ
مهوجا گل ۽ ڪنول جا هار
پنهنجي محبوب جي ڳچي ۽ ٻانهن ۾ سجاءِ
۽ نغما ٻڌ، ساز ٻڌ
هي وقت خوشي ۽ شادماني ۾ بسر ڪر
سوچ وهم ۽ ويچار کي پڇائي ڪڍ
رڳو خوشين کي ڌيان ۾ رک

ماڻهو اهي وڇوڙا ۽ ڏک ڪيئن ٿو وساري سگهي، جيڪي هن کي ٽڪي ڪاتيءَ وانگي هيٺين ۾ ٽنبجي ويندا آهن ۽ پوءِ حساس ماڻهو دل ڀري روئي ته ڏيندو آهي، پر ڪلي نه سگهندو آهي. ماڻهو تيستائين ڪلندو آهي، جيستائين ان کي درد جو نانگ نٿو ڏنگي. جڏهن کان ماڻهوءَ کي دنيا جا ڏنل زخم پيا چڪندا آهن، تڏهن کان ماڻهو زندگي جو فرار پيو ڳوليندو آهي. منير احمد مانڪ، علاما آءِ آءِ قاضي، عرفان مهدي جهڙن ماڻهن شايد زندگي کان فرار ۾ خودڪشي چوندي هئي.

آئون زندگي جي ڏکائين، تنهائين، عشقن ۽ شوق جي ذڪر کي ڇڏي ڀيهر شاهه ڪريم جو رخ ٿو ڪريان. شاهه ڪريم ۾ ڪيترائي دوست هوندا هئا، جيڪي ادبي ذوق رکندڙ هئا، جن ۾ نيازمند بلڙائي، عبدالله ميمڻ، عثمان پنهور، ساگر ميمڻ، دلدار مگسي، راجا رند، سومار سمون ۽ ابراهيم سنڌي. ابراهيم سنڌي اڳيان هلي اها اوطاق وڪڻي درگاهه جي اولهه طرف پلاٽ وٺي پڪي اوطاق ٺهرائي، پوءِ وري ان اوطاق تي ادبي ميلا متل رهندا هئا. سندس جنم 5 نومبر 1953ع تي ڳوٺ خير محمد سمون، تعلقي بلڙي شاهه ڪريم، ضلعي ٽنڊي محمد خان ۾ ٿيو هو 1973ع ۾ تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو هن انٽر گورنمنٽ سجاول ڪاليج مان، بي اي 1986ع ۾ ۽ ايم.اي 1988ع ۾ پاس ڪرڻ بعد، بي ايڊ ۽ ايم ايڊ جا امتحان پاس ڪيا.

هن ڪراچي يونيورسٽيءَ مان. ڊاڪٽر نواز علي شوق جي نگرانيءَ ۾ "شاهه لطيف جي ڪلام ۾ مرد جو ڪردار" جي عنوان تي 2009ع ۾ پي ايچ ڊي ڪئي. لطيفيات ۽ تاريخ تي تحقيقي ڪم سندس خاص مشغلو هو. 1984_85ع ۾ شاهه ڪريم بلڙيءَ مان سندس سرپرستيءَ ۾ "بسنت پبليڪيشن" نالي رسالو جاري ٿيو. ساڳئي ئي شهر مان 1993ع ڌاري "ڪوڪ" جي نالي سان رسالو پڻ جاري ٿيو. جنهن جو پاڻ سرپرست رهيو. جيڪي ٻئي رسالا اڳيان هلي بند ٿي ويا. پاڻ مارئي تنظيم طرفان "شاهه، سچل ۽ سامي انٽرنيشنل ڪانفرنس" (دهلي) ۾ سنڌ جي اديبن جي وفد سان گڏ هندستان جي سفر تي به ويو هو. اتان موٽي 2014ع ۾ حج جي سعادت حاصل ڪيائين. سندس ڇپيل ڪتابن ۾: "ٽنڊي محمد خان ضلعي جو سماجي اڀياس" (درجو ٽيون. سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ڄامشورو 2006ع). "شاهه لطيف جي ڪلام ۾ مرد جو ڪردار". (لطيفيات: 2011ع). "اندر تون اجار" (لطيفيات: 2017ع) . "راحت القلوب" (ترجمو: 2015ع). "انيس العاشقين" (مولانا محمد نورنگ زادي جو حج جو سفرنامو) اچي وڃن ٿا. سندس ڪجهه اڻ ڇپيل ڪتاب به موجود آهن. جن ۾ شاهه جي ڪلام ۾ حيوانات، جمادات ۽ نباتات جو ذڪر "ڪا جا روح رهاڻ" ۽ "رولاڪ راهون" (آتم ڪٿا) اچي وڃن ٿا. مون کي سندس آتم ڪٿا جو مسودو ڏنو هئائين ته جيئن آئون ان کي ڏسان. مون ان مسودي کي ڏسي ڪيس واپس ڪيو. چيائين ته هاڻي هي مسودو ڪنهن کي ڏجي ته ڇپجي. مون چيو ته سائين پبلشرن کان ويٺو پناهه گهر. پئسا وٺندا پورا، پوءِ پيا ناز نخرا ڪندا. چيائين ته بابا آئون رٽائر ماڻهو آهيان. گهر جو، اوطاق جو خرچ ۽ ٻيا ڪيئن خرچ آهن. ڪتاب ڪيئن ڇپرائجي؟ پاڻ ۽ نيازمند بلڙائي ڪڏهن ڪڏهن ڪتان موٽندي يا ڪيڏانهن ويندي مون وٽ ايندا هئا. پاڻ هاڻي هن فاني جهان ۾ نه رهيو آهي. هن کي ساري مون کي غالب جو شعر ياد ٿو اچي:

الاهي ميري لبون پر يه ڪس ڪا نام آتا هي
ڪه ميري نطق ني بوسي ميري زبان ڪي لئي

تَنَ طبيب نه ٿون، سڌِ نه لهين سورَ جي؛
ساندِ پنهنجا ڏيڙا، ڪَڏَ ڪٽي ۾ پون؛
ڪانَ گهرجي مون، حياتي هوتن ري.

شاهه نوراني جا پانڌيئڙا ۽ عيد کي ماتم ۾ بدلائيندڙ حادثو

محبوب بروهي

سنڌ جي تاريخي ضلعي ٺٽي ۾ عيد جون خوشيون اُن وقت ماتم ۾ بدلجي ويون، جڏهن عيد الفطر جي نماز ادا ڪرڻ بعد مڪليءَ جي ڳوٺ قاسم جوکيو جا رهواسي دستور موجب پنهنجي ٽرڪن ۾ چڙهي بلوچستان جي مشهور درگاهه شاهه بلاول نوراني جي زيارت لاءِ روانا ٿيا پر جوکيا برادري جي پوڙهيو ڪري گذر ڪندڙ ڳوٺاڻن نوجوانن کي اها خبر ئي نه هئي ته گهرڀاتين سان عيد ملي خوشيءَ ۾ گهمڻ ۽ زيارت لاءِ وڃڻ سندن حياتين جو آخري سفر ثابت ٿيندو. مختلف ٽرڪن ۾ سوار ٿي درگاهه نوراني روانا ٿيندڙ جوکيا برادريءَ جي ڳوٺاڻن جي هڪ ٽرڪ نادرن ٻاءِ پاس ڪراچي وٽ خراب ٿيڻ ڪري ان جا نوجوان ۽ ڳوٺاڻا توڙي ننڍي عمر جا ڪجه ٻار به ڳوٺ جي چڱي مڙس غلام نبي جوکيو جي ٽرڪ ۾ سوار ڪرايا ويا. ايئن اهو سفر اڳتي روانو ٿيو پر درگاهه شاهه نوراني تي منزل تي پهچڻ کان اڳ ويراب ندي وٽ اربع ۽ خميس جي وچ واري رات تيز رفتاري دوران موڙ ڪاٽيندي غلام نبي جوکيو جي ٽرڪ ڪلٽيون کائي جابلو اونهي کاهيءَ ۾ اونڌي ٿي ڪري پئي ۽ پوءِ رڙيون دانهون ۽ ڪوڪون پئجي ويون.

خوفناڪ ۽ افسوسناڪ حادثي ۾ بروقت 13 ڄڻا ٽرڪ مالڪ سميت اجل جو شڪار ٿي ويا. رات هجڻ ۽ بروقت ريسڪيو جا انتظام نه هجڻ ڪري 2 ڪلاڪن تائين زخمي تڙپندا رهيا ۽ ٻيا ماڻهو ٽرڪ هيٺيان دٻجي ويا، جتي بعد ۾ مقامي علائقي واسين توڙي حب کان پهتل ريسڪيو ٽيمن پهچي امدادي سرگرميون شروع ڪيون. جوکيا برادري جو سربراهه اڳوڻو ايم پي اي ڄام اويس گهرام به پنهنجي ساٿين سان ڪراچي کان حادثي واري هنڌ پهتو جنهن موجب مقامي ماڻهن تمام گهڻي مدد ڪئي پر حب واري اسپتال ۾ صحت جون بنيادي سهولتون نه هجڻ سبب سمورن زخمين کي ٽراما اسپتال ڪراچي منتقل ڪيو ويو. جنهن دوران فوتين جو انگ به وڌي 17 تي پهچي ويو. فوتين جا لاش ڪراچي منتقل ڪري غسل ڏيارڻ بعد ايڌي ايمبولينسن ذريعي عيد جي ٻئي ڏينهن خميس تي صبح جو مڪلي لڳ سندن ڳوٺ قاسم جوکيو پهچايا ويا ته قيامت برپا ٿي وئي.

بعد ۾ ٽراما اسپتال ڪراچي ۾ زخمي هڪ وڌيڪ ڳوٺاڻو رفيق جوکيو فوت ٿي وڃڻ ڪري فوتين جو انگ وڌي 18 تي ويو. فوتين ۾ اڪثريت جو تعلق هڪ ئي خاندان سان آهي، جن ۾ صاحب ڏنو جوکيو، سندس 2 پٽ سهراب ۽ مشتاق، سندس 2 ڀائيٽا غلام نبي جوکيو ۽ دين محمد جوکيو، سندس 3 ڀاڻيجا امام الدين، امين ۽ ڀيارو سميت محرم علي، عرس ۽ ٻيا شامل آهن. جڏهن ته زخمين ۾ ڇهن ٻارڙن سميت 52 ڄڻا شامل آهن، جن مان 41 ڄڻن کي طبي امداد ڏيئي فارغ ڪيو ويو ۽ 11 ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري کين ڪراچي ٽراما ۾ داخل ڪيو ويو آهي پر ٻن ٻارڙن جي حالت انتهائي ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري اين آءِ سي ايڇ ڪراچي جي انتهائي نگهداشت واري وارڊ ۾ منتقل ڪيو ويو آهي.

فوتين جا جنازا عيد جي ٻئي ڏينهن تي ڳوٺ قاسم جوکيو مان کنيا ويا ته سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو. هن خوفناڪ ۽ افسوسناڪ حادثي سبب فوتين جي جنازي نماز ۾ مختلف سياسي سماجي شخصيتن، پ پ اڳواڻن چونڊيل نمائندن سميت وڏو وزير مراد علي شاهه خصوصي طور شرڪت ڪئي. جنهن جنازي نماز بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي خوفناڪ حادثي تي افسوس ۽ ڏک جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته زخمين جي علاج ۽ فوتين جي مالي سهائتا لاءِ سنڌ حڪومت ڀرپور مدد ڪندي.

هر سال دستور موجب عيد ڏهاڙي تي ٺٽي ضلعي مان هزارين ماڻهو مختلف گاڏين ۾ سوار ٿي بلوچستان جي مشهور درگاهه شاهه نوراني تي زيارت ۽ گهمڻ لاءِ ويندا آهن پر ڪراچي کان بلوچستان جي ضلعن حب، لسٻيلو ۽ خضدار مان درگاهه شاهه نوراني تائين ويندڙ روڊ رستن جي جتي حالت انتهائي خراب آهي، اتي ڏکي جابلو رستي ۾ صحت جون ڪي به بنيادي سهولتون دستياب نه آهن. جنهن جو واضح مثال هي خوفناڪ حادثو آهي. وارثن سميت سياسي قومپرست شخصيتن ۽ چونڊيل نمائندن ٽائيم نيوز سان ڳالهائيندي چيو ته اهڙن افسوسناڪ حادثن ۾ گاڏين جي ڊرائيورن جي لاپرواهي سميت بلوچستان حڪومت جي غير ذميواري ۽ نااهلي آهي.

اهڙيءَ ريت جتي هن خوفناڪ حادثي جوکيا برادري جي هڪ ئي ڳوٺ لاءِ قيامت صغرا برپا ڪئي، اتي هن افسوسناڪ حادثي ضلعي ٺٽي ۾ عيد جي خوشين کي ڏک ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. نه رڳو پوري ضلعي مان هن خوفناڪ حادثي جو شڪار ٿي فوت ٿيلن جي وارثن سان ماڻهو تڏي تي پهچي ڏک ۽ تعزيت جو اظهار ڪري رهيا آهن پر سنڌ بلوچستان ۽ پنجاب جي وڏن وزيرن سميت ملڪ جي صدر ۽ وزيراعظم پاران پڻ هن خوفناڪ حادثي تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. پر ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اهڙن امڪاني حادثن کي مدنظر رکي حڪومتي اختيارين کي مستقل بنيادن تي منصوبابندي ڪرڻ گهرجي. روڊ، رستن ۽ اسپتالن جي حالت کي بهتر بنائڻ ۽ خوشي وارن ڏينهن تي گهمڻ ۽ زيارتن تي ويندڙ ماڻهن لاءِ آسان سهولتون پيدا ڪرڻ لاءِ پائيدار حڪمت عمليون جوڙڻ وقت جي اشد ۽ اهم ضرورت آهي.

بقايا *** 01

عوامي جلسي لاءِ سڪيورٽي ۽ ٽريفڪ جا مناسب انتظام ڪيا وڃن. اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ شرجيل ميمڻ، ناصر شاهه، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ ۽ چيف ميٽرولجسٽ سرفراز خان شرڪت ڪئي. گهرو وزير ضياءَ لنجار، آبپاشي وزير ڄام خان شورو، ڪمشنر لاڙڪاڻو مصطفيٰ پٺاڻ ۽ پيپلز پارٽي جي خير محمد شيخ وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. وڏي وزير لاڙڪاڻي جي انتظاميه کي هدايت ڪئي ته مزار تي واڪ ٿرو گيٽس جو تعداد 40 مان وڌائي 56 ڪيو وڃي ته جيئن جلسي ۾ شرڪت ڪندڙن کي آسان رسائي ملي سگهي. هن عوام جي سهولت لاءِ مناسب ٽريفڪ انتظامن تي به زور ڏنو. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته مزار جي اڳڻ ۾ پارڪنگ لاءِ ڌار ڌار داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جا رستا مختص ڪيا ويا آهن. ان کان سواءِ مراد علي شاهه لاڙڪاڻي ضلعي جي انتظاميه کي هدايت ڪئي ته هو جلسي دوران بجليءَ جي بلاتعطل فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ حيسڪو سان رابطو ڪري. بيڪ اپ پاور کي يقيني بڻائڻ لاءِ اسٽينڊ بائي جنريٽر جو بندوبست ڪيو وڃي. آءِ جي پوليس وڏي وزير کي سڪيورٽي انتظامن ۽ ٽريفڪ جي انتظامن بابت بريفنگ ڏني. ٻئي پاسي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي)، ٽائون انتظاميا، واٽر بورڊ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي آهي ته برساتن جي اڳڪٿي کي نظر ۾ رکندي اسٽارم واٽر ڊرينز ۽ پاڻي جي نيڪال جي مناسب سار سنڀال کي يقيني بڻائڻ جي ڪئي ته جيئن پاڻي جي موثر نيڪالي کي يقيني بڻائي سگهجي. مراد علي شاهه کي ايم سي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي آهي ته اهي سائن بورڊز ۽ ٻين ڪمزور اسٽيل/ ڪاٺ جي اڏاوتن/ بورڊن کي هٽائين ته جيئن برساتن ۽ تيز هوائن دوران نقصان کان بچي سگهجي. وڏي وزير چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته اهڙيون هدايتون صوبي جي سمورن لوڪل ۽ سول باڊيز کي جاري ڪيون وڃن. هن وڌيڪ پوليس کي هدايت ڪئي ته ڪنهن به ايمرجنسي صورتحال ۾ ضلعي انتظاميا جي مدد ڪن. وڏي وزيرضلعي مٽياري نيو سعيد آباد جي ڳوٺ رمضان اٿڙ ۾ ڇت ڪرڻ واري واقعي ۾ ڇهن ٻارڙن جي فوت ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. وڏي وزير مٽياري جي ڊپٽي ڪمشنر کي هدايت ڪئي ته هو ڏکايل خاندانن سان ملاقات ڪري، سندن ٻارن کي دفنائڻ ۾ سندن مدد ڪئي وڃي، ڊهي ويندڙ ڇت جي ٻيهر تعمير ڪرائي وڃي. وڏي وزير سوڳوارن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بونير ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن دوران شهيد ٿيندڙ پاڪ فوج جي ٻن جوانن جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بلوچستان جي علائقي نوشڪي ۾ دهشتگرد حملي جي به سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي جتي دهشتگردن هٿان بيگناهه ماڻهو شهيد ڪيا ويا.

بقايا *** 02

، چاهيون ٿا ته نوگو ايريا ختم ٿين. غلام نبي ميمڻ چيو اهڙيون حالتون ناهن جو فوج جي ضرورت پئي، فوج سنڌ پوليس کي جديد هٿيارن سان تربيت به ڏئي رهي آهي، صورتحال تي جلد ضابطو آڻي وٺنداسين، ڪراچي ۾ ڪو نوگو ايريا ناهي.

بقايا *** 03

اداري (ايف آئي اي) طرفان ڪراچي ايئرپورٽ تان گرفتار ٿيل 49 پاڪستاني پاسپورٽ رکندڙ شهري کي شاهديون پيش ڪرڻ بعد ڇڏيو ويو عدنان نالي مسافر ڪراچي کان دبئي رستي ايران وڃي رهيو هيو ته ڪراچي ايئرپورٽ تان ان جي قبضي مان 49 پاڪستاني پاسپورٽ هٿ ڪيا ويا هئا. ايف آئي اي موجب پاڪستان ۾ جارجيا جو سفارتخانو ناهي، انڪري جارجيا جي خواهش رکندڙ پاڪستاني شهرين جا پاسپورٽ ويزن لاءِ ايجنٽن ذريعي ويجهي ملڪ جي سفارتخاني ۾ جمع ڪرايا ويندا آهن. اختيارين جو چوڻ هو ته محمد عدنان هڪ ٽريول ايجنٽ آهي، ان وٽ پاسپورٽ ايران کڻي وڃڻ لاءِ ايراني سفارتخاني ۽ پاڪستان جي پرڏيهي کاتي جا اجازت ناما پڻ موجود آهن. قانوني ڪارروائين بعد ايجنٽ کي پاسپورٽ واپس ڪري ايران وڃڻ جي اجازت ڏني وئي.

بقايا *** 04

دهشتگردن گاڏيءَ کي روڪڻ جو اشارو ڪيو نه بيهڻ تي فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ گاڏي سان حادثو پيش آيو. صدر آصف زرداري، وزيراعظم شهباز شريف، گهرو وزير محسن نقوي، پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ٻين پاران بلوچستان ۾ 11 ڄڻن جي قتل واري واقعي جي مذمت. وارثن سان ڏک جو اظهار. وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته دهشتگردن ۽ سندن سهولتڪارن کي بخش نه ڪيو ويندو........

بقايا *** 05

جبلن تي برفباري سبب موسم خوشگوار ٿي وئي........

بقايا *** 06

ڪري ڇڏيو متاثر علائقن مان ماڻهن جي منتقلي جاري.

بقايا *** 07

بانڊز جي وقت سر ادائيگي ڪري ڇڏي. اسٽيٽ بئنڪ موجب پاڪستاني يورو بانڊ هولڊرز کي ادائيگي 12 اپريل تي ايجنٽ بئنڪ ذريعي ڪئي وئي، ادا ڪيل رقم ۾ قرض جو اصل ۽ وياج شامل آهي. پاڪستان جي مرڪزي بئنڪ موجب ادائيگي ڪانپوءِ پاڪستان جو عالمي مارڪيٽ ۾ يورو بانڊز جو قرض 7 ارب ڊالر رهجي ويو آهي.

بقايا *** 08

جي نمائندن ۽ وڪيلن شرڪت ڪئي. جڏهن ته مستقل ٿيندڙ ججن جا گهرڀاتي به شريڪ ٿيا. مستقل ججن جو حلف کڻندڙن ۾ جسٽس امجد علي ٻوهيو جسٽس ثنا اڪرم منهاس، جسٽس جواد اڪبر سروانا، جسٽس خادم حسين سومرو، جسٽس عبدالرحمان ۽ جسٽس ارباب علي هڪڙو شامل آهن سيني 6 ججن کي 2023 ۾ ايڊيشنل جج مقرر ڪيو ويو هو

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مستقل ججن جو انگ 32 تي ويو پر اڃا 8 ججن جون جايون خالي آهن.

بقايا *** 09

آءِ ايس پي آر موجب، دهشتگرد سليم عرف رباني مارجي ويو آهي، دهشتگردن جي فائرنگ ۾ 2 اهلڪار لانس نائڪ حسيب ۽ حوالدار مدثر شهيد ٿيا آهن.......

بقايا *** 10

9 سيڪڙو ان عمل جي حمايت ڪئي ۽ ڏال تي مڙس جي تشدد کي درست قرار ڏنو سروي ۾ هڪ سيڪڙو ان معاملي تي وچولو موقف اختيار ڪيو نه ان جي کليل حمايت ڪئي ۽ نه مخالفت ڪئي.

بقايا *** 11

سومر تي ملاقات ٿيڻ جو امڪان. آءِ ايم ايف کي نئين قرض لاءِ درخواست به ڏني ويندي.

بقايا *** 12

بيان جي وائرل مختصر وڊيو ۾ ان کي مريم نواز جي فيشن سينس تي ڳالهائيندي ڏسي سگهجي ٿو عظميٰ بخاري عيدالفطر جي موقعي تي نجي ٽي وي جي مارننگ پروگرام ۾ شرڪت ڪئي هئي. مارننگ پروگرام ۾ عظميٰ بخاري جو چوڻ هو ته کيس سياست ۾ آئي 22 سال ٿي چڪا آهن، هاڻي ان جا ٻار به جوان ٿي ويا آهن. هن ٻڌايو ته جڏهن هن سياست جي شروعات ڪئي هئي ته هن جي وڏي ڌيءَ ٽن سالن جي هئي ۽ هاڻي هوءَ ڊاڪٽر آهي. پروگرام ۾ مريم نواز جي فيشن بابت سوال جي جواب ۾ سڌ سماءَ واري وزير چيو ته مريم ڪنهن کي ڪاپي ناهي ڪندي ۽ هوءَ بازار مان 500 ۽ 800 ۾ ملندڙ لان جا وڳا پائيندي آهي.

بقايا *** 13

چيو آهي ته فارم 47 جي ٺهيل حڪومت کي رد ڪريون ٿا اپوزيشن الائنس ملڪ مان هٽي قانون جو نظام ختم ڪرڻ لاءِ بلوچستان مان تحريڪ جي شروعات ڪري ڇڏي مٿين اڳواڻن چيو ته مرڪز ۾ ٺهيل حڪومت کي پاڪستان جي حڪومت نٿا سمجهون، هيءَ اليڪشن ڪميشن جي حڪومت آهي اڳواڻن چيو ته ملڪ جي عوام جو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو، سموري ملڪ ۾ آواز اٿاريو ويندو

بقايا *** 14

۾ اپوزيشن الائنس جي جلسي کي خطاب ڪندي سردار اختر مينگل چيو ته اسان پنهنجي حقن لاءِ احتجاج ڪندا آهيون ته قلم 144 لڳايو ويندو آهي، جن سياسي ورڪرن کي قدرتي حالتون نه روڪي سگهيون ته قلم 144 ڪيئن روڪيندو؟ برسات باوجود عوام جلسي ۾ شريڪ ٿيو هن چيو ته توهان هڪ ڪڪڙ چور ۽ موٽر سائيڪل چور کي پڪڙي سگهو ٿو پر ملڪ ۾ عوام جو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو ۽ بلوچستان ۾ اهڙن ماڻهن کي ڪامياب ڪرايو ويو جن کي پاڙي وارا به نٿا سڃاڻين، ملڪي عوام اڄ بدحال آهي. سندس چوڻ هو جڏهن اسان گم ٿيل ماڻهن جي ڳالهه ڪندا هئاسين ته ماڻهن کي يقين نه ايندو هو اسيمبلي ۾ گم ٿيل ماڻهن جو ذڪر ڪندا هئاسين ته ماڻهو اسان تي ٽوڪ ڪندا هئا. اختر مينگل چيو اڄ جنهن تحريڪ جي شروعات ٿي آهي، ان جو ڪريڊٽ مشتونخوا ميپ کي وڃي ٿو. اسان جي تحريڪ آئين جي بالادستي ۽ حق حاصل ڪرڻ تائين جاري رهندي، اسان جي سياسي ڪارڪنن سخت ترين مارشل لا جو مقابلو ڪيو ظلم ۽ ڏاڍ باوجود سمجهيو ويندو آهي ته اسان چپ رهنداسين.

بقايا *** 15

مرڪزي اڳواڻ خطاب ڪندا. جلسي جي تيارين جي حوالي سان وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت ۾ مزار ڪميٽي جو اجلاس، ورسي جي انتظامن، ٽريفڪ جي انتظامن ۽ سهولتن جو جائزو ورتو ويو. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه مزار جي اڳڻ ۾ ٿيندڙ جلسي جا انتظام وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته شهيد ڀٽو جي ورسي هر سال 4 اپريل تي ملهائي ويندي آهي، پر رمضان شريف سبب ورسي 14 اپريل تي ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ورسي جي موقعي تي ٽريفڪ جو مسئلو ٿيندو آهي، ان سميت سڪيورٽي جا جوڳا انتظام ڪيا وڃن..

بقايا *** 16

ڪنڊڪوٽ ويجهو ڪٽڪ جو لاٻارو ڪندڙ نوجوان جيرت گولاٽو وڄ ڪرڻ سبب فوت ٿي ويو. موسميات کاتي چيو آهي ته سنڌ ۾ برسات جو سلسلو اڄ تائين جاري رهندو، ڪراچي، سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن جي مختلف علائقن ۾ وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري رهندو.

بقايا *** 17

کڻايو حلف کڻندڙ ججز ۾ جسٽس امجد علي ٻوهيو جسٽس ثنا اڪرم منهاس، جسٽس جواد اڪبر سروانا، جسٽس محمد عبدالرحمان، جسٽس خادم حسين سومرو ۽ جسٽس ارباب علي هڪڙو شامل.

بقايا *** 18

تحفظ آئين" جلسي کي خطاب ڪندي محمود خان اچڪزئي چيو ته ڪو به ڪنهن جو مالڪ يا غلام ناهي، عوام جي طاقت سان ئي انقلاب آڻڻو پوندو هن چيو ته اسان جو اتحاد حڪومت ڪيرائڻ لاءِ نه پر آئين جي بالادستي لاءِ آهي، آئين جي بالادستي لاءِ يقين رکندڙ پاڪستانين کي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏيان ٿو سندس چوڻ هو ته هتي ڪو ڪنهن جو غلام ناهي اسان سڀ برابر آهيون، اسان کي عوام جي طاقت سان انقلاب آڻڻو آهي.

بقايا *** 19

۾ داخل ٿي پسٽل جو فائر ڪري قتل ڪيو، وارثن جي فرياد تي 8 ڄڻن تي ڪيس داخل، پوليس مک جوابدار محمد اسلم جتوئي کي گرفتار ڪري ورتو...

بقايا *** 20

جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان مختلف مڪتبه فڪر سان واسطو رکندڙ ماڻهن طرفان نئون ديرو صدر هائوس تي ملاقات جن کيس عيد الفطر جون مبارڪون ڏنيون ويون. ان سلسلي ۾ ايڊيشنل ڪمشنر نوابشاهه احمد علي سومرو طرفان نئون ديرو هائوس پهچي پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪري کيس عيد جون مبارڪون ڏنيون ويون. هوڏانهن پ پ پ سپاف ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر عبدالرحمان موريو پاران تنظيم جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان گڏجي چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪري سندس عيد جون مبارڪون ڏنيون ويون. ٻي پاسي پي پي پي لاڙڪاڻي جي سينئر ورڪر عطاءِ الرحمان مگسيجو پڻ بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪئي وئي.

بقايا *** 21

ويل جوابدار سلمان سواتي جو تعلق ڪي پي سان هو. 17 ڪيسن ۾ گهربل هو مارجي ويل منشيات فروش وٽان هڪ ڪلو گرام کان وڌيڪ آئيس ۽ هٿيار مليا آهن..

بقايا *** 22

چيو ته آئين ۽ قانون جي بالادستيءَ لاءِ شروع ٿيل تحريڪ مقصد حاصل ڪرڻ تائين جاري رهندي.

بقايا *** 23

۾ چڪتاڻ تي صورتحال جو جائزو وٺي رهيا آهيون. واضح رهي ته پهرين اپريل تي شام جي گادي واري هنڌ دمشق ۾ ايراني سفارتخاني تي اسرائيل جي هوائي حملي جي نتيجي ۾ 7 ايراني فوجي آفيسر شهيد ٿي ويا هئا. پرڏيهي خبرو اداري موجب دمشق حملي بعد علائقي ۾ آمريڪي ۽ اسرائيلي فوج هائي الرٽ آهن.

بقايا *** 24

منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن نينگر جي 80 سيڪڙو جسم سڙڻ جي تصديق ڪندي کين طبي امداد ڏني. ان موقعي تي زخمين جي وارثن ٻڌايو ته آئيس فيڪٽري ۾ اوچتو ڌماڪو ٿيو جنهن ۾ نينگر الهه ڏنو ڪلهوڙو ۽ مستري عبدالحڪيم پنهور زخمي ٿي پيا جن مان نينگر جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي. واقعي جي اطلاع تي ڊي ايس پي ظهور سومرو آئيس فئڪٽري پهچي تفصيل ورتا. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊي ايس پي ظهور سومرو ٻڌايو ته واقعو گيس سلينڊر ڦاٽڻ سبب پيش آيو آهي جنهن ۾ 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. ڌماڪي سبب آئيس فئڪٽري مڪمل طور تباهه ٿي وئي آهي ۽ 2 کان 3 گهرن جي ڇتين کي نقصان پهتو آهي، وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. هوڏانهن لاڙڪاڻي مان چونڊيل پيپلز پارٽي ايم پي اي جميل احمد سومرو پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان گڏجي آئيس فئڪٽري ۾ گيس سلينڊر ڦاٽڻ واري هنڌ جو معائنو ڪري علائقي واسين کان معلومات ورتي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي جميل احمد سومرو چيو ته هي انتهائي افسوسناڪ واقعو آهي جنهن بابت معلوم ٿيو آهي ته گيس سلينڊر ڦاٽڻ سبب ڇت ڪري پئي آهي جنهن ۾ ڪجهه مزدور ۽ ڪجهه ماڻهو زخمي ٿي پيا آهن ۽ پاڙي جي گهرن کي به نقصان پهتو آهي. هن چيو ته واقعي ۾ زخمين کي طبي امداد ڏيڻ لاءِ ٽراما سينٽر منتقل ڪري سندن جو علاج ڪيو پيو وڃي، اسين واقعي واري هنڌ پهچي علائقي واسين کان به معلومات ورتي آهي. هينئر حالتون ڪنٽرول ۾ آهن.

بقايا *** 25

کي گرفتار ڪري ورتو دادو پرسان پير بخش ڪالوني ۾ ٻارڙن جي ڳالهه تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ عورت سميت 3 ڄڻا زخمي، متاثرن جو ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو.....

بقايا *** 26

سنڌ ۾ بدامني وڌي وئي آهي، پوليس ڀريا ڪماري کي به بازياب ناهي ڪرائي سگهي، پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ ختم ڪري آبادگارن کي اٿي ڏنو وڃي.

بقايا *** 27

ٽنگيل لاش مليو فوتين جا وارثن ٻاران واقعا آپگهات قرار ڏئي ڇڏيو

بقايا *** 28

نيم خودمختيار رياست آهي ۽ ان کي خاص اختيار حاصل آهن پر نريندر مودي والاريل ڪشمير جي ذڪر ٿيل خاص حيثيت کي 5 آگسٽ 2019 کي ختم ڪيو هو نريندر مودي پاران آرٽيڪل 370 جي خاتمي ڪانپوءِ اتي رياستي چونڊ به ناهي ٿي هاڻي پارٽي وزيراعظم والاريل ڪشمير جي آئيني حيثيت کي تبديل ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. پارٽي رپورٽس موجب نريندر مودي والاريل ڪشمير جي اڌم پور ۾ سياسي ريلي سان خطاب ڪندي چيو ته جلد ئي جمون ڪشمير کي رياست جو درجو ڏنو ويندو هن آرٽيڪل 370 تي به ڳالهايو ۽ چيو ته ان آرٽيڪل کي سياسي مفاد لاءِ استعمال ڪيو ويو هو ۽ ان آرٽيڪل جي خاتمي ڪانپوءِ والاريل ڪشمير جي حالت تبديل ٿي آهي. نريندر مودي چيو ته آخري 10 سال ۾ والاريل ڪشمير ۾ ٿيندڙ ترقي پوري فلم جو ٽريلر آهي، ايندڙ ڪجهه سالن ۾ اتي گهڻو ڪجهه مٽجندو هن ريلي سان خطاب ڪندي واعدو ڪيو ته جلد والاريل ڪشمير کي رياست جو درجو ڏنو ويندو ۽ چونڊون ڪرايون وينديون. واضح رهي ته 19 اپريل کان ڀارت ۾ لوڪ سڀا جي چونڊ ٿيندي جيڪا ڇهن هفتن يعني پهرين جون تائين جاري رهنديون ۽ مختلف رياستن ۾ مرحليوار پولنگ ٿيندي، اتي 97 ڪروڙ ماڻهو ووٽ جو استعمال ڪندا.

بقايا *** 29

بيهوشيءَ جا دورا. هڪ ئي وقت ڇهن ٻارڙن جي فوت ٿيڻ تي علائقي ۾ سوڳ وارو ماحول.

بقايا *** 30

عوامي جلسي لاءِ سڪيورٽي ۽ ٽريفڪ جا مناسب انتظام ڪيا وڃن. اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ شرجيل ميمڻ، ناصر شاهه، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ ۽ چيف ميٽرولجسٽ سرفراز خان شرڪت ڪئي. گهرو وزير ضياءَ لنجار، آبپاشي وزير ڄام خان شورو، ڪمشنر لاڙڪاڻو مصطفيٰ پٺاڻ ۽ پيپلز پارٽي جي خير محمد شيخ وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. وڏي وزير لاڙڪاڻي جي

انتظاميه کي هدايت ڪئي ته مزار تي واڪ ٿرو گيٽس جو تعداد 40 مان وڌائي 56 ڪيو وڃي ته جيئن جلسي ۾ شرڪت ڪندڙن کي آسان رسائي ملي سگهي. هن عوام جي سهولت لاءِ مناسب ٽريفڪ انتظامن تي به زور ڏنو. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته مزار جي اڳڻ ۾ پارڪنگ لاءِ ڌار ڌار داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جا رستا مختص ڪيا ويا آهن. ان کان سواءِ مراد علي شاهه لاڙڪاڻي ضلعي جي انتظاميه کي هدايت ڪئي ته هو جلسي دوران بجليءَ جي بلاتعطل فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ حيسڪو سان رابطو ڪري. بيڪ اپ پاور کي يقيني بڻائڻ لاءِ اسٽينڊ بائي جنريٽر جو بندوبست ڪيو وڃي. آءِ جي پوليس وڏي وزير کي سڪيورٽي انتظامن ۽ ٽريفڪ جي انتظامن بابت بريفنگ ڏني. ٻئي پاسي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي)، ٽائون انتظاميا، واٽر بورڊ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي آهي ته برساتن جي اڳڪٿي کي نظر ۾ رکندي اسٽارم واٽر ڊرينز ۽ پاڻي جي نيڪال جي مناسب سار سنڀال کي يقيني بڻائڻ جي ڪئي ته جيئن پاڻي جي موثر نيڪالي کي يقيني بڻائي سگهجي. مراد علي شاهه کي ايم سي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي آهي ته اهي سائن بورڊز ۽ ٻين ڪمزور اسٽيل/ ڪاٺ جي اڏاوتن/ بورڊن کي هٽائين ته جيئن برساتن ۽ تيز هوائن دوران نقصان کان بچي سگهجي. وڏي وزير چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته اهڙيون هدايتون صوبي جي سمورن لوڪل ۽ سول باڊيز کي جاري ڪيون وڃن. هن وڌيڪ پوليس کي هدايت ڪئي ته ڪنهن به ايمرجنسي صورتحال ۾ ضلعي انتظاميا جي مدد ڪن. وڏي وزيرضلعي مٽياري نيو سعيد آباد جي ڳوٺ رمضان اٿڙ ۾ ڇت ڪرڻ واري واقعي ۾ ڇهن ٻارڙن جي فوت ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. وڏي وزير مٽياري جي ڊپٽي ڪمشنر کي هدايت ڪئي ته هو ڏکايل خاندانن سان ملاقات ڪري، سندن ٻارن کي دفنائڻ ۾ سندن مدد ڪئي وڃي، ڊهي ويندڙ ڇت جي ٻيهر تعمير ڪرائي وڃي. وڏي وزير سوڳوارن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بونير ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن دوران شهيد ٿيندڙ پاڪ فوج جي ٻن جوانن جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بلوچستان جي علائقي نوشڪي ۾ دهشتگرد حملي جي به سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي جتي دهشتگردن هٿان بيگناهه ماڻهو شهيد ڪيا ويا. عوامي جلسي لاءِ سڪيورٽي ۽ ٽريفڪ جا مناسب انتظام ڪيا وڃن. اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ شرجيل ميمڻ، ناصر شاهه، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ ۽ چيف ميٽرولجسٽ سرفراز خان شرڪت ڪئي. گهرو وزير ضياءَ لنجار، آبپاشي وزير ڄام خان شورو، ڪمشنر لاڙڪاڻو مصطفيٰ پٺاڻ ۽ پيپلز پارٽي جي خير محمد شيخ وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. وڏي وزير لاڙڪاڻي جي انتظاميه کي هدايت ڪئي ته مزار تي واڪ ٿرو گيٽس جو تعداد 40 مان وڌائي 56 ڪيو وڃي ته جيئن جلسي ۾ شرڪت ڪندڙن کي آسان رسائي ملي سگهي. هن عوام جي سهولت لاءِ مناسب ٽريفڪ انتظامن تي به زور ڏنو. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته مزار جي اڳڻ ۾ پارڪنگ لاءِ ڌار ڌار داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جا رستا مختص ڪيا ويا آهن. ان کان سواءِ مراد علي شاهه لاڙڪاڻي ضلعي جي انتظاميه کي هدايت ڪئي ته هو جلسي دوران بجليءَ جي بلاتعطل فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ حيسڪو سان رابطو ڪري. بيڪ اپ پاور کي يقيني بڻائڻ لاءِ اسٽينڊ بائي جنريٽر جو بندوبست ڪيو وڃي. آءِ جي پوليس وڏي وزير کي سڪيورٽي انتظامن ۽ ٽريفڪ جي انتظامن بابت بريفنگ ڏني. ٻئي پاسي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي)، ٽائون انتظاميا، واٽر بورڊ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي آهي ته برساتن جي اڳڪٿي کي نظر ۾ رکندي اسٽارم واٽر ڊرينز ۽ پاڻي جي نيڪال جي مناسب سار سنڀال کي يقيني بڻائڻ جي ڪئي ته جيئن پاڻي جي موثر نيڪالي کي يقيني بڻائي سگهجي. مراد علي شاهه کي ايم سي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي آهي ته اهي سائن بورڊز ۽ ٻين ڪمزور اسٽيل/ ڪاٺ جي اڏاوتن/ بورڊن کي هٽائين ته جيئن برساتن ۽ تيز هوائن دوران نقصان کان بچي سگهجي. وڏي وزير چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته اهڙيون هدايتون صوبي جي سمورن لوڪل ۽ سول باڊيز کي جاري ڪيون وڃن. هن وڌيڪ پوليس کي هدايت ڪئي ته ڪنهن به ايمرجنسي صورتحال ۾ ضلعي انتظاميا جي مدد ڪن. وڏي وزيرضلعي مٽياري نيو سعيد آباد جي ڳوٺ رمضان اٿڙ ۾ ڇت ڪرڻ واري واقعي ۾ ڇهن ٻارڙن جي فوت ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. وڏي وزير مٽياري جي ڊپٽي ڪمشنر کي هدايت ڪئي ته هو ڏکايل خاندانن سان ملاقات ڪري، سندن ٻارن کي دفنائڻ ۾ سندن مدد ڪئي وڃي، ڊهي ويندڙ ڇت جي ٻيهر تعمير ڪرائي وڃي. وڏي وزير سوڳوارن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بونير ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن دوران شهيد ٿيندڙ پاڪ فوج جي ٻن جوانن جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بلوچستان جي علائقي نوشڪي ۾ دهشتگرد حملي جي به سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي جتي دهشتگردن هٿان بيگناهه ماڻهو شهيد ڪيا ويا.

بقايا *** 31

۾ اپوزيشن الائنس جي جلسي کي خطاب ڪندي سردار اختر مينگل چيو ته اسان پنهنجي حقن لاءِ احتجاج ڪندا آهيون ته قلم 144 لڳايو ويندو آهي، جن سياسي ورڪرن کي قدرتي حالتون نه روڪي سگهيون ته قلم 144 ڪيئن روڪيندو؟ برسات باوجود عوام جلسي ۾ شريڪ ٿيو هن چيو ته توهان هڪ ڪڪڙ چور ۽ موٽر سائيڪل چور کي پڪڙي سگهو ٿو پر ملڪ ۾ عوام جو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو ۽ بلوچستان ۾ اهڙن ماڻهن کي ڪامياب ڪرايو ويو جن کي پاڙي وارا به نٿا سڃاڻين، ملڪي عوام اڄ بدحال آهي. سندس چوڻ هو جڏهن اسان گم ٿيل ماڻهن جي ڳالهه ڪندا هئاسين ته ماڻهن کي يقين نه ايندو هو اسيمبلي ۾ گم ٿيل ماڻهن جو ذڪر ڪندا هئاسين ته ماڻهو اسان تي ٽوڪ ڪندا هئا. اختر مينگل چيو اڄ جنهن تحريڪ جي شروعات ٿي آهي، ان جو ڪريڊٽ مشتونخوا ميپ کي وڃي ٿو. اسان جي تحريڪ آئين جي بالادستي ۽ حق حاصل ڪرڻ تائين جاري رهندي، اسان جي سياسي ڪارڪنن سخت ترين مارشل لا جو مقابلو ڪيو ظلم ۽ ڏاڍ باوجود سمجهيو ويندو آهي ته اسان چپ رهنداسين. ۾ اپوزيشن الائنس جي جلسي کي خطاب ڪندي سردار اختر مينگل چيو ته اسان پنهنجي حقن لاءِ احتجاج ڪندا آهيون ته قلم 144 لڳايو ويندو آهي، جن سياسي ورڪرن کي قدرتي حالتون نه روڪي سگهيون ته قلم 144 ڪيئن روڪيندو؟ برسات باوجود عوام جلسي ۾ شريڪ ٿيو هن چيو ته توهان هڪ ڪڪڙ چور ۽ موٽر سائيڪل چور کي پڪڙي سگهو ٿو پر ملڪ ۾ عوام جو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو ۽ بلوچستان ۾ اهڙن ماڻهن کي ڪامياب ڪرايو ويو جن کي پاڙي وارا به نٿا سڃاڻين، ملڪي عوام اڄ بدحال آهي. سندس چوڻ هو جڏهن اسان گم ٿيل ماڻهن جي ڳالهه ڪندا هئاسين ته ماڻهن کي يقين نه ايندو هو اسيمبلي ۾ گم ٿيل ماڻهن جو ذڪر ڪندا هئاسين ته ماڻهو اسان تي ٽوڪ ڪندا هئا. اختر مينگل چيو اڄ جنهن تحريڪ جي شروعات ٿي آهي، ان جو ڪريڊٽ مشتونخوا ميپ کي وڃي ٿو اسان جي تحريڪ آئين جي بالادستي ۽ حق حاصل ڪرڻ تائين جاري رهندي، اسان جي سياسي ڪارڪنن سخت ترين مارشل لا جو مقابلو ڪيو ظلم ۽ ڏاڍ باوجود سمجهيو ويندو آهي ته اسان چپ رهنداسين.

بقايا *** 32

اداري (ايف آئي اي) طرفان ڪراچي ايئرپورٽ تان گرفتار ٿيل 49 پاڪستاني پاسپورٽ رکندڙ شهري کي شاهديون پيش ڪرڻ بعد ڇڏيو ويو عدنان نالي مسافر ڪراچي کان دبئي رستي ايران وڃي رهيو هيو ته ڪراچي ايئرپورٽ تان ان جي قبضي مان 49 پاڪستاني پاسپورٽ هٿ ڪيا ويا هئا. ايف آئي اي موجب پاڪستان ۾ جارجيا جو سفارتخانو ناهي، انڪري جارجيا جي خواهش رکندڙ پاڪستاني شهرين جا پاسپورٽ ويزن لاءِ ايجنٽن ذريعي ويجهي ملڪ جي سفارتخاني ۾ جمع ڪرايا ويندا آهن. اختيارين جو چوڻ هو ته محمد عدنان هڪ ٽريول ايجنٽ آهي، ان وٽ پاسپورٽ ايران کڻي وڃڻ لاءِ ايراني سفارتخاني ۽ پاڪستان جي پرڏيهي کاتي جا اجازت ناما پڻ موجود آهن. قانوني ڪارروائين بعد ايجنٽ کي پاسپورٽ واپس ڪري ايران وڃڻ جي اجازت ڏني وئي. اداري (ايف آئي اي) طرفان ڪراچي ايئرپورٽ تان گرفتار ٿيل 49 پاڪستاني پاسپورٽ رکندڙ شهري کي شاهديون پيش ڪرڻ بعد ڇڏيو ويو عدنان نالي مسافر ڪراچي کان دبئي رستي ايران وڃي رهيو هيو ته ڪراچي ايئرپورٽ تان ان جي قبضي مان 49 پاڪستاني پاسپورٽ هٿ ڪيا ويا هئا. ايف آئي اي موجب پاڪستان ۾ جارجيا جو سفارتخانو ناهي، انڪري جارجيا جي خواهش رکندڙ پاڪستاني شهرين جا پاسپورٽ ويزن لاءِ ايجنٽن ذريعي ويجهي ملڪ جي سفارتخاني ۾ جمع ڪرايا ويندا آهن. اختيارين جو چوڻ هو ته محمد عدنان هڪ ٽريول ايجنٽ آهي، ان وٽ پاسپورٽ ايران کڻي وڃڻ لاءِ ايراني سفارتخاني ۽ پاڪستان جي پرڏيهي کاتي جا اجازت ناما پڻ موجود آهن. قانوني ڪارروائين بعد ايجنٽ کي پاسپورٽ واپس ڪري ايران وڃڻ جي اجازت ڏني وئي.

بقايا *** 33

۾ اپوزيشن الائنس جي جلسي کي خطاب ڪندي سردار اختر مينگل چيو ته اسان پنهنجي حقن لاءِ احتجاج ڪندا آهيون ته قلم 144 لڳايو ويندو آهي، جن سياسي ورڪرن کي قدرتي حالتون نه روڪي سگهيون ته قلم 144 ڪيئن روڪيندو؟ برسات باوجود عوام جلسي ۾ شريڪ ٿيو هن چيو ته توهان هڪ ڪڪڙ چور ۽ موٽر سائيڪل چور کي پڪڙي سگهو ٿو پر ملڪ ۾ عوام جو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو ۽ بلوچستان ۾ اهڙن ماڻهن کي ڪامياب ڪرايو ويو جن کي پاڙي وارا به نٿا سڃاڻين، ملڪي عوام اڄ بدحال آهي. سندس چوڻ هو جڏهن اسان گم ٿيل ماڻهن جي ڳالهه ڪندا هئاسين ته ماڻهن کي يقين نه ايندو هو اسيمبلي ۾ گم ٿيل ماڻهن جو ذڪر ڪندا هئاسين ته ماڻهو اسان تي ٽوڪ ڪندا هئا. اختر مينگل چيو اڄ جنهن تحريڪ جي شروعات ٿي آهي، ان جو ڪريڊٽ مشتونخوا ميپ کي وڃي ٿو. اسان جي تحريڪ آئين جي بالادستي ۽ حق حاصل ڪرڻ تائين جاري رهندي، اسان جي سياسي ڪارڪنن سخت ترين مارشل لا جو مقابلو ڪيو ظلم ۽ ڏاڍ باوجود سمجهيو ويندو آهي ته اسان چپ رهنداسين. ۾ اپوزيشن الائنس جي جلسي کي خطاب ڪندي سردار اختر مينگل چيو ته اسان پنهنجي حقن لاءِ احتجاج ڪندا آهيون ته قلم 144 لڳايو ويندو آهي، جن سياسي ورڪرن کي قدرتي حالتون نه روڪي سگهيون ته قلم 144 ڪيئن روڪيندو؟ برسات باوجود عوام جلسي ۾ شريڪ ٿيو هن چيو ته توهان هڪ ڪڪڙ چور ۽ موٽر سائيڪل چور کي پڪڙي سگهو ٿو پر ملڪ ۾ عوام جو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو ۽ بلوچستان ۾ اڪامياب ڪرايو ويو جن کي پاڙي وارا به نٿا سڃاڻين، ملڪي عوام اڄ بدحال آهي. سندس چوڻ هو جڏهن اسان گم ٿيل ماڻهن جي ڳالهه ڪندا هئاسين ته ماڻهن کي يقين نه ايندو هو اسيمبلي ۾ گم ٿيل ماڻهن جو ذڪر ڪندا هئاسين ته ماڻهو اسان تي ٽوڪ ڪندا هئا. اختر مينگل چيو اڄ جنهن تحريڪ جي شروعات ٿي آهي، ان جو ڪريڊٽ مشتونخوا ميپ کي وڃي ٿو. اسان جي تحريڪ آئين جي بالادستي ۽ حق حاصل ڪرڻ تائين جاري رهندي، اسان جي سياسي ڪارڪنن سخت ترين مارشل لا جو مقابلو ڪيو ظلم ۽ ڏاڍ باوجود سمجهيو ويندو آهي ته اسان چپ رهنداسين.

بقايا 01

ميٽلو کي پئسن عيوض نوڪري وٺي ڏيڻ بعد ٺڳي ٿيل رقم نه ملڻ تان مرشد عالمگير چشتي پاران پوروهيت وزير ميٽلو کان رقم جي بدلي ۾ زبردستي زمين وٺڻ تان ميٽلا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو لٺيون ۽ سروٽا لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا 6 ڄڻا عاقب علي ،سڌير احمد، شڪيل، مهتاب ،عرفان علي ۽ راشد ميٽلو رتورٽ، پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جهيڙي تي ضابطو آندو. مرشد عالمگير چشتي پئسن عيوض نوڪري وٺي ڏني هئي غريب آهيان رقم قسطن ۾ ادا ڪندس منهنجا مائٽ زبردستي منهنجي هڪ جريب زمين زبردستي مرشد کي ڪاٽو ڪري ڏيڻ لاءِ ڪاهه ڪري حملو ڪيو آهي/ وزير ميٽلو مرشد عالمگير چشتي سان وزير ميٽلو ڪيل واعدي مطابق نوڪري جي ٺڳي ٿيل رقم ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ بدلي ۾ زمين ڏيڻ جو واعدو ڪيو جنهن جي گهر ڪرڻ تان مختلف هربا هلائي اسان کي بليڪ ميل ڪري رهيو آهي ٺڳي ٿيل رقم هر حال ۾ وٺنداسون. سڌير احمد ميٽلو ۽ ٻين جو ميڊيا آڏو موقف، واقعو نوڪري لاءِ ٺڳي ڪيل پئسن تان پيش آيو آهي، الزام هيٺ آيل مرشد جو نمبر بند پيو آهي زخمين کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال پنوعاقل منتقل ڪري ٻنهي ڌرين جي فرياد تي الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا آهن وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون / ايس ايڇ او سلطانپور ڪينٽ ٽاٿو فهيم قلپوٽو جو موقف

بقايا 02

اهڙي حادثي جي اطلاع تي ڳوٺائن پهچي فوتي جو لاش ۽ زخمين کي سانگهڙ اسپتال ڪٺائي آيا جتي فوتي جي سڃاڻپ دسرت مهراج طور ٿي آهي جڏهن ته زخمين ۾ ٻن جي سڃاڻپ ساگر مهراج ڏيرج مهراج طور ٿي آهي جنن جي حالت سيرس هجڻ ڪين وارث حيدرآباد ڪٺائي ويا آهي هوڏانهن فوتي جو لاش سانگهڙ سول اسپتال مان ضروري ڪاروائي بعد وارث ڳوٺ ڪٺائي ويا فوتي نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ قهرام مچي ويو حادثو موٽر سائيڪل سوار ڪنڊياري کان پيرومل اچي رهيا ته موٽر سائيڪل ۾ هيڊ لائيٽ نه هجڻ ڪري حادثو پيش آيو آهي.

بقايا 03

کي گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال لڳندا معيشت کي سڌارڻ ۾ ڊالر جي گهٽجڻ جو امڪان آهي جيڪڏهن زراعت تي ڌيان ڏنو وڃي ته معاشي صورتحال بهتر ٿي سگهي ٿي وفاقي حڪومت ۽ پنجاب حڪومت وچ ۾ آفيسرن جي مقرري واري معاملي تي ڪنهن به تڪرار کي ڇاڇا ۽ ڀائيٽي جو تڪرار واري سوال جي جواب ۾ سيد خورشيد احمد شاهه جو چوڻ هو ته مان نه ٿو سمجهان ته اهو معاملو ڇاڇي ۽ ڀائيٽي جو آهي پر وفاق ۽ پنجاب جو سمجهان ٿو پنجاب ۽ وفاق گڏجي بهتر ڪم ڪندا پ پ اڳواڻ خورشيد شاهه چيو ته نگران حڪومت جي اليڪشن ۾ ڌيان نه ڏيڻ سبب امن امان جي صورتحال خراب ٿي وئي آهي جيستائين سنڌ پوليس کي جديد هٿيار نه ملندا تيستائين امن امان جي صورتحال بهتر نه ٿيندي فلسطينين جي حمايت ۾ بيهڻ هر مسلمان جو فرض آهي آمريڪا اسرائيل جي حمايت ۾ منافقانو رويو اختيار ڪري رهيو آهي اسرائيل مسلسل مسلمانن کي ڪچلڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

بقايا 04

موقعي تي ڪئمپ جي اڳواڻن عبدالفتاح انصاري استاد نويد احمد عباسي انورعلي استاد انيس انصاري عبدالعليم عباسي عبدالواحد انصاري ۽ ٻين چيو ته اسان هر سال ٻين سماجي ڪمن سان گڏ رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائيندا آهيون ته جيئن اسپتال ۾ ايندڙ ٿيليسيميا سيزر ڊائلاسز ۽ ٻين مرضن ۾ مبتلا غريب مريضن جي سهائتا ڪري رهيا آهيون جڏهن ته سماجي اڳواڻ اعجاز ممنائي ريجنل غلام اڪبر ناريجو سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو ڪئمپ جي آرگنائزر عبدالفتاح انصاري ۽ سندس ٽيم جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته آئنده به ان نيڪ ڪم ۾ حصو وٺي غريب ۽ بي پهچ مريضن جي مدد ڪندا رهنداڳواڻن ضلعي جي عوام کي اپيل ڪئي ته هن نيڪ ڪم ۾ حصو وٺي هر ڳوٺ توڙي شهر ۾ اهڙيون ڪئمپون لڳائن ته مريضن کي وڌ ۾ وڌ فائدو پهچي سگهي

بقايا 05

رمضان ميرائي جي عمر 60 سال کان وڌيڪ آهي ڪاروبار ۾ نقصان سبب اسان جو والد ذهني مريض ٿيو جيڪو گذريل جمعي ڏينهن شام جي وقت گهران نڪرڻ بعد پيرسن والد محمد رمضان ميرائي گهر نه ٿي ويو جنهن کي مٽ مائٽن توڙي مختلف علائقن ۾ ڳولا ڪرڻ سان گڏ ڏرڪري ٿاڻي تي سندس گمشدگي جو اطلاع ڏنو پر ڪٿي به ان جو ڏس پتو نه پئجي سگهيو جنهن ڪري سمورا گهر ڀاتي سخت پريشاني ۾ مبتلا آهيون. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي پيرسن والد جي ڳولا ۾ مدد ڪري گهر ڀاتين ۾ ڇانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 06

ان حوالي سان سي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان جو چوڻ هو ته امڪاني برساتن کي نظر ۾ رکندي واٽر ڪارپوريشن جو سمورو عملو هاءِ الرٽ هوندو ۽ عملي جون موڪلون پڻ منسوخ ڪيون ويون آهن. هن چيو ته وزيراعلي سنڌ ۽ ميئر ڪراچي جي حڪم تي عملدرآمد ڪندي واٽر ڪارپوريشن جون سموريون سڪشن مشينون ۽ ڊي واٽرنگ پمپس سميت ٻئي مشينري هاءِ الرٽ آهي ۽ برسات کان اڳ شهر جي مختلف اهم شاهراهن تي 30 سڪشن مشينون پهچايون ويون آهن جڏهن ته شهر جي مختلف ڊيپ ايريا ۾ بگ سڪشن مشينون ۽ ڊي واٽرنگ پمپس پڻ پهچايا ويندا. هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته برسات واري پاڻي جي نيڪالي مڪمل ٿيڻ تائين واٽر ڪارپوريشن جون گاڏيون روڊن تي موجود رهنديون.

بقايا 07

سندس گهر واري علي نواز ملاح جي ٽالي 8 ايڪڙ زمين ڪشو واٽيو کي مقاطعي تي ڏنل هئي ان سميت سندن 16 ايڪڙن کان وڌيڪ ٻي زمين تي سنڌ بلوچستان کان هٿياربند ماڻهو گهرائي زبردستي قبضو ڪري ورتو آهي. اهڙي درخواست بدين جي عدالت ۾ داخل ڪرڻ کان پوءِ بدين جي عدالت سڳوري پاران زمين اسان جي حوالي ڪرڻ حڪم ڪيو آهي ۽ اي ڊي سي ون وٽ پڻ ڪيس هلندڙ آهي جنهن تان هٿ کڻڻ لاءِ اسان تي ڀاڻ چوري ڪرڻ جي ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪرائي آهي ۽ جنهن ۾ شاهدي طور جميل ڏيٿو کي چاڙهيو ويو آهي جيڪو اسان کان 50 ڪلوميٽر پري وينل آهي ۽ جنهن اوطاق تي ٿيل چوري جو ذڪر ڪيو ويو آهي انهي تي سندس ئي ماڻهو رهن ٿا چوري جو الزام ڪوڙو ۽ بي بنياد آهي هن چيو ته ڳولاڙجي پوليس ۾ باثر ڪشو مل واٽيو جي ونگارو ٿئيل آهي. متاثر عورت آءِ جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد سيشن جج بدين ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو ته سندن زمين تي باثر ماڻهن پاران ڪيل قبضو ختم ڪرائي ڪوڙي ايف آءِ آر خارج ڪئي وڃي ۽ ساڻس انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 08

علي ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته گيس بنا عيد ۽ رمضان جا ڏينهن گذارڻ ڏکيو تجربو رهيو، بازاري هوٽلن تان مجبوري ۾ کاڌو خريد ڪري پيٽ پوڄا پر گيس انتظاميا گيس لائين ۾ موجود ڪنو پاڻي وارو فالٽ ختم ڪرڻ ۾ گذريل 20 ڏينهن کان مڪمل طور ناڪام ٿي رهي آهي. هن چيو ته گيس عملدار ۽ انهن جو ماتحت عملو گيس پائپ لائينن ۾ موجود ڪني پاڻي کي مڪمل نيڪالي ڏيڻ جون ڪوششون ڪري پيو پر پڙ به سوين پي گهرن ۾ گيس مڪمل ريٽ سپلاءِ ناهي. هنن وس وارن کان فلڻو موجود اصل فالٽ ختم ڪرڻ ۽ گيس لائين ۾ بار بار ڪنو پاڻي اچڻ جا سبب ڳولهي صارفين کي ان مان نجات ڏيارڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا 09

۾ هن وقت ڪڻڪ جو فصل بيٺل آهي جيڪو ڪجهه شرپسند اياز پٽو فياض پٽو ڪامران پٽو ڪڻڪ جو فصل ڪٽڻ نه ٿا ڏين جنهن بعد اهڙيون شڪايتون اسسٽنٽ ڪمشنر رتوديرو ڪاشانات شيخ ۽ مختيار ڪار رتوديرو کي لکت ۾ ڪيون آهن ته زمين منهنجي آهي جنهن جو رڪارڊ مون وٽ موجود آهي انهن آفيسرن ڊي ايس پي ٿٽون ڏيرو کي لکت ۾ ليٽر لکيو آهي ته منهنجو مسئلو حل ڪرايو پر ٿٽون ڏيرو پوليس مدد نه ٿي ڪري مون کي جوابدارن مان جان کي خطرو آهي تحفظ فراهم ڪيو وڃي مان ايس ايس پي، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو کي اپيل ٿو ڪيان ته منهنجي زرعي زمين تان قبضو ختم ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ شهيد راڻي بينظير ڀٽو صاحبه جي مزار تي پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندس جنهن جا ذميوار مٿيان جوابدار ۽ انهن جا سهولتڪار هوندا

بقايا 10

واقعو آهي. جنهن ۾ 17 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن سنڌ حڪومت انهن جي ڀرپور مدد ڪندي. هن اهي ڳالهيون مڪلي پرسان ڳوٺ قاسم ڪوڪيو ۾ ٽوراني حادثي ۾ فوت ٿي ويلن جي تيجهي وارين رسمن ۾ شرڪت ڪرڻ بعد صحافين سان ڳالهائيندي ڪيون. هن چيو ته هائي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهي علائقي ۾ مختلف جايون تي جديد سهولتن سان ٽراما سينٽر ناهيا وڃن ته جيئن حادثن جي صورت ۾ فوري طور تي طبي امداد ڏئي سگهجي. ان سلسلي ۾ وزيراعلي بلوچستان سان ڳالهائينداسين. سينيٽر سسئي پليجو نوشڪي ۾ 9 مزدورن جي قتل واقعي تي گهري ڏک جو اظهار ڪندي چيو ته هي ماڻهو انتهائي غريب هئا جنهن جي قتل واقعي جي مذمت ڪريون ٿا ۽ مطالبو ٿا ڪريون ته دهشتگردن کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا 11

جي سرواڻ استاد عبدالوهاب ڪاغذي طرفان پڻ سنڌ جي ثقافت سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي سيڪريٽري اسپورٽس ۽ يوٿ آفيئر سنڌ جلالدين مهر شهيد شيراز جر ڪلب، هاڪي اسٽيڊيم، ڪرڪيٽ اسٽيڊيم، ريجنل يوٿ ڊيولپمينٽ سينٽر ۽ ملٽي پرپز اسپورٽس هال جو دورو ڪري تفصيلي حال احوال ورتو ان موقعي تي استاد عبدالوهاب ڪاغذي، پروفيسر اعجاز احمد ڪوڪر، ڊي اي او اسپورٽس سکر شاهزيب اعوان، شفيق احمد شيخ، وسند علي مهر، شفيق احمد پٽو، آغا عبدالرئوف پٺاڻ، گولڊ مل حاصل ڪندڙ نوجوان اسرار سومرو، حسنين سائل پٽو، فيصل علي پٽو، زين علي هڪڙو، عبدالرشيد پٽو ، شير علي هڪڙو، فاروق مهر، اونيب ڪلهوڙو، سميت اسپورٽس سان لاڳاپيل شخصيتون پڻ موجود هيون. ان موقعي تي سيڪريٽري اسپورٽس ۽ يوٿ آفيئر ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ جلالدين مهر جو چوڻ هيوت مان يقين ٿو ڏياريان ته اسپورٽس سان لاڳاپيل مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ اوهان سان اسپورٽس جي حوالي سان منهنجو مڪمل سهڪار رهندو اسان جو ڊپارٽمينٽ اسپورٽس ۽ يوٿ آفيئر شڪارپور جي رانديين لاءِ سهڪار سان گڏ مڪمل تعاون جو يقين ڏياري ٿو.

بقايا 12

ڪندي چيو ته اسان جو برادري جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ ڏڪ لڳڻ سبب مسمات نواز خاتون رند زخمي ٿي پئي. جنهن جي علاج لاءِ سڪرنڊ پوليس پاران علاج لاءِ ليٽر جاري ڪري تعلقه اسپتال سڪرنڊ موڪليو ويو هنن چيو ته اسپتال ۾ ڊاڪٽر موجود نه هئا ۽ زخمي عورت جو علاج نه ٿي سگهيو آهي. هن دانهون ڪندي چيو ته اسپتال ۾ ڪا به سهولت موجود نه آهي ۽ اسان زخمي عورت سميت سڪرنڊ پريس ڪلب تي پهچي ميڊيا ذريعي مطالبو ٿا ڪريون ته مسمات نواز خاتون جو فوري طور علاج ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 13

